# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو



جولاءِ 2017 کان ڊسمبر 2017

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چهه ماهي

# سرسو

جولاءِ 2017 کان ڊسمبر 2017


ايڊيٽر

**نويد اسحاق ميمڻ**

مئنيجر MER

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پناڻ**

مئنيجر NRM

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**نياز احمد هنگورو**

ريجنل مئنيجر - II

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**غلام رسول سميجو**

ريجنل مئنيجر III

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**زبير سومرو**

مئنيجر آءِ.ايم.ايس.ڊي

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد پرڙو**

ڊسٽرڪٽ مئنيجر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

**بخت علي ابڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن


**اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن.**

(القرآن)

## هن شماري ۾......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- چيئرمين سرسو شعيب سلطان خان ۽ سنڌ حڪومت جي اعليٰ عهديدارن جو ايل ايس او سنڌ سجاڳ ۽ ايل ايس او مهراڻ جو دورو ........ 4
- مس ڪيٽرين انيس ڪارٽر ۽ قيصر بنگالي پاران سرسو جو دورو ........ 9
- خوشحال نيٽ ورڪ لکي منزل اجان بہ اڳتي ........ 11
- ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏهاڙو ........ 16
- سولر سسٽم جي ورهاست واري تقريب جو اکين ڏٺو احوال ........ 18
- سانگهڙ ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام جي شروعات 20
- نو-بالغ ٻارن جي زندگي کي بهتر بنائڻ واري پروجيڪٽ جي ڪاميابي ........ 22
- غربت گهٽائڻ جو عالمي ڏينهن ........ 24
- سرسو جي سرگرمين جو تصوير نامو ........ 27
- تربيتي ورڪشاپ ۾ ڪمشنر جي ڳالهہ ٻولهہ ........ 31
- تعليمي آگاهي مهم جو آغاز ........ 34
- ڪاڇي جي گل بانو جي ڪهاڻي ........ 36
- سرسو جو عمر ڪوٽ ڏانهن سفر ........ 39
- غربت گهٽائڻ واري پروگرام مان فائدو وٺندڙ برجُو ........ 41
- ادي زاهده : هڪ مثالي ڳوٺاڻي رضاڪار ........ 43
- سُکي زندگيءَ لاءِ کنيل هڪ قدم : اميران بيگم ........ 45
- ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ ........ 47
- هٿ ٺنگڻ کان پنهنجي روزگار تائين : هڪ سفر ........ 49
- وقت جي انتظامڪاري جو فن ........ 51



رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**

سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.

فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111

ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي راهه کان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جن سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل دَز کي لاهي صاف ڪجي ۽ ڳوناڻن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان رقم ڪجن.

چوندا آهن ته تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهه ۾ ٿورو واڌارو ڪندس ته تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ته ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسط هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سَوَن سالن کان پاڙون مضبوط ڪري بيٺل ناقص نظام سان هجي ته پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي ويون ته پوءِ اهو سفر اجان ٻه گهڻو ڏکيو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڏکئي سفر تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمتِ عمليون ٻه تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نه صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. جيئن ته سرسو ۾ موجود محنتي، تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري محمد ڏتل ڪلهوڙي جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم کي اونچو رکيو ويني آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن کي منظرِ عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو عزم هوندو آهي ته جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن کي ٻين تائين پهچايون ته جيئن انهن ماڻهن جي همٿ، جذبي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين کي ڏسندي ٻيا ساٿي پڻ غربت خلاف جنگ واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نه صرف پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي حالتن کي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارائتا فرد پڻ بڻجن.

اميد آهي ٿا ته اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن کي سرسو جيڪا مڃتا ڏني آهي ۽ اسان کي يقين آهي ته سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻُ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سباجهڙي سنڌ جي غريب ماروئڙن جو تعلق ٻهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ وستيون ۽ واهڻ بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، امن امان، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نہ هجڻ جي برابر آهن. اتان جا غريب ماڻهو، جيڪي بيرزگاري ۽ غربت جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل آهن، انهن جي معاملن کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوناڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوناڻن خاص طور تي عورتن جي جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اپاري ٿو تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي 15 ضلعن ۾ صحت، تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، ڳري مشينري جي ڊرائيونگ ۽ فني سکيا وغيره جي مدد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن تہ جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وڌرائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوناڻن جي مدد ۽ سات جي اجان بہ وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان تہ اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوناڻا ترقي يافتہ ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

**سات سلامت**

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**
چيف ايگزيڪيٽو آفيسر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر

# چيئرمين سرسو شعيب سلطان خان ۽ سنڌ حڪومت جي اعليٰ عهديدارن جو ايل ايس او سنڌ سجاڳ ۾ ايل ايس او مهراڻ جو دورو

بابر جاگيراڻي
Regional MER Officer




شڪارپور ضلعي جي تعلقي لکيءَ جي مقامي سهڪاري تنظمين سان لاڳاپيل ڪارڪنن جي چهرن تي ان وقت مُرڪون تري پيون جڏهن چيئرمين سرسو جناب شعيب سلطان خان، محترم اطهر حسين ميراڻي (ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري، حڪومت سنڌ) محترم پرويز چانڊيو (حڪومت سنڌ) ، محترم علي اصغر مهر (حڪومت سنڌ) ، محترم راشد باجوه (CEO-NRSP)، سرسو جو سرواڻ محمد ڏتل ڪلهوڙو، جمال مصطفيٰ شورو، غلام رسول سميجو، منظور جلباڻي ۽ سرسو جي عملي سميت مقامي سهڪاري اداري سنڌ سجاڳ پهتا ته سنڌن آڏرياءُ LSO جي ميمبرن ۽ يونين ڪائونسل رستم جي ڳوٺاڻي سطح ۽ ڳوٺاڻي سطح جي تنظيمن مان آيل سمورين عورتن نهايت ئي گرم جوشيءَ سان ڪيو.

پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي ۽ آيل مهمانن سان تنظيمي عهديدارن جو تعارف ڪرايو ويو، ان بعد LSO سنڌ سجاڳ جي چيئرپرسن گلشاد بيگم تنظيم جي ڪارڪردگيءَ بابت تفصيل سان آگاهه ڪيو، جنهن مان اهو واضع ظاهر هيو ته يونين ڪائونسل رستم جي غريب عورتن جي زندگيءَ ۾ ڪافي تبديلي اچي چڪي آهي. انهيءَ دوران پنڊال ۾ وينل فائدو حاصل ڪندڙ عورتن پنهنجي زندگيءَ ۾ آيل بهتريءَ بابت پاڻ ٻڌايو.




عابده خاتون آيل مهمانن کي ٻڌايو ته يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام جي غربت جي درجه بندي موجب آءُ تمام غريب هئس، مون بغير وياج جو ننڍي پئماني تي قرض ورتو، آءُ گهر ۾ رليون ٺاهيندي هيس پر ايترو پئسو نه هو جو

سامان خريد ڪري سگهان پوءِ مون انهن پئسن مان ڪپڙو، ڏاڳا وغيره خريد ڪيا، اهڙيءَ طرح مون ننڍي پئماني تي ڪاروبار شروع ڪيو ۽ پنهنجي گهر جي چرخي ڪي هلائڻ ۾ مڙس جي ٻانهن ٻيلي ٿيس، مون ٿي پيرا قرض حاصل ڪيو آهي ۽ ان ننڍي قرض مان مون وڏو فائدو حاصل ڪيو. آهي. هاڻ اسان جي گهر جو گذرسفر بهتر ٿي رهيو آهي ۽ اوڙي پاڙي ۽ مڙس جي نظرن ۾ منهنجي عزت پڻ وڌي آهي. نگينہ خاتون پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي چيو تہ: جڏهن منهنجو مڙس وفات ڪري ويو تہ منهنجي گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي پابندي لڳائي وئي، جڏهن تہ آءُ ڳوناڻي تنظيم ۽ مقامي سهڪاري تنظيم جي سرگرم ميمبر طور ڪم ڪري رهي هيس. پوءِ LSO جي ساٿي عورتن همت ڪئي ۽ منهنجي گهر وارن کي سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿيون ۽ ٻيهر آءُ LSO ۾ سرگرم رڪن طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. جيئن تہ مون مئٽرڪ پاس ڪئي آهي تنهنڪري سرسو اداري پاران هلنڊڙ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي پروگرام ۾ ڪميونٽي صحت رضاڪار (Community Health Worker) طور پڻ چونڊيو ويو آهي. جنهن ڪري مون کي ماهوار وظيفو پڻ ملي رهيو آهي. جڏهن تہ LSO جي سهڪار سان منهنجا چار ٻار هدايہ ٽرسٽ جي هڪ اسڪول ۾ تعليم پڻ حاصل ڪري رهيا آهن.






هن ميڙاڪي ۾ وينل مسمات بشران جيڪا ڳوٺ يونس ماڇي جي رهواسڻ آهي تنهن ٻڌيو تہ: سندن ڳوٺ ۾ برادريءَ جو جهيڙو هلنڊڙ هو هڪٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ بلڪل بند ٿي ويو هو. سرسو جي اچڻ سان ۽ پاڙي سطح ۽ ڳوٺ سطح جي تنظمين نهڻ بعد اسان جي وڙهيل برادري جي عورتن کي گڏ ويهاريو. غربت سبب اسان جو بہ گذرسفر بهتر ڪونہ هو مون بہ ننڍي پئماني قرض ورتو ۽ ان قرض کي صحيح استعمال ڪندي مڇيءَ جي تلاءَ ۾ مڇيءَ جو ٻيجارو وجهرايو ۽ هڪ ننڍي ٻڪري خريد ڪئي، شعور اچڻ کان پوءِ مون مدوائيف (CMW) جو ڪورس پڻ ڪيو ۽ مون کي PPHI ۾ نوڪري بہ ملي وئي ۽ هاڻ ماهوار -/18000 هزار پگهار ڪٽان پئي اهڙي طرح اسان جي غربت مان جان آجي ٿي. انهيءَ موقعي تي روبينہ خاتون پڻ ٻڌايو تہ: مان ڳوناڻي تنظيم يونس ماڇي جي ميمبر آهيان، غربت سبب اسان جا بہ گهريلو حالات ڪجهہ بهتر ڪونہ هيا، مون بہ تنظيمي شعور اچڻ بعد سرسو کان ننڍو قرض ورتو جنهن جو صحيح استعمال ڪندي هارپي واري زمين ۾ ٻج ۽ ياڻ خريد ڪري وڌوسين، جنهن باعث

اسان کي تمام گهڻو فائدو مليو، چوته ٻج ۽ پاڻ زميندار کان ونون ۽ شهر مان ديوانن کان وياج ان تي تمام گهڻو پوندو آهي. پنهنجن پئسن جو اهو فائدو ٿيو ته وياج کان بچي وياسين، نتيجي ۾ فائدو مليو آهي، اڳ ڪجهه به نه بچندو هو، زميندار جا سدائين قرضي رهياسين پر هن پيري ايئن نه آهي سرسو ۽ حڪومت سنڌ پاران بنا وياج قرض اسان تمام گهڻو فائدو حاصل ڪيو آهي هن سال اسان غريبن وٽ 30-20 مڻ انُ رکيل آهي. اهو سڀ ڪجهه سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ئي ممڪن ٿيو آهي.

پنڊال ۾ موجود عابده خاتون آيل مهمانن کي ٻڌايو ته: منهنجي تعليم فقط پنج درجا آهي، غربت سبب وڌيڪ پڙهي ڪونه سگهيس. انهيءَ دوران منهنجي شادي به ڪرائي وئي ۽ مون کي ٽن ٻارن جي اولاد به ٿي، مون پاڙي سطح جي تنظيم CO ۽ ڳوٺاڻي تنظيم VO ۾ سرگرم ميمبر طور شموليت اختيار ڪئي، ڳوٺ جي ڀلائيءَ خاطر غريب عورتن جي ڪم اچڻ اسان جو جڻ ته مشغلو ٿي ويو، گڏجاڻين ۾ بچت به پئي ڪئي سين، سرسو جي سهڪار سان اسان جي تنظيم کي هن وقت 25 لک بغير وياج جي قرض مليل آهي. اسين ان قرض جي ڦير گير ڪريون ٿا ۽ مختلف ننڍي پئماني جي ڪاروبار ۾ استعمال ڪريون ٿا. اڳ اسان وٽ هڪ روپيو به نه هو ۽ هاڻ اسان جي هٿن ۾ هزارن روپين سان گڏوگڏ مال مويشي پڻ آهي. پهريان جيڪي ڳوٺ جا ماڻهو سرسو جي هن پروگرام کي ناپسند ڪندا هئا ۽ هاڻي اُهي اسان سان گڏ آهن. اهو به وقت هو جڏهن اسان کي گهر جي چوديواري کان ٻاهر نڪرڻ نه ڏنو ويندو هو ۽ اڄ اسين هن پنڊال ۾ موجود آهيون. آءُ پنهنجي پڙهائيءَ کي جاري رکيو آهي ۽ مئٽرڪ جو امتحان پڻ پاس ڪيو آهي. هاڻ اسين بئنڪ ۽ اسپتالن ۾ پاڻ اچون ۽ وڃون ٿيون، ٻي وڏي ڳالهه ته هن ٽيڪنالاجي جي دؤر ۾ اسان کي موبائيل رکڻ جي اجازت نه هوندي هئي، ۽ هاڻ اسين ادارن سان پاڻ رابطي ۾ آهيون اها هڪ وڏي تبديلي آهي. گلشاد ٻڌايو ته پهريان سرڪاري يا غيرسرڪاري ادارا نه ايندا هئا ۽ نه ڪا سارَ لهندا هئا. LSO جي مدد سان مختلف ادارا تعاون ڪن ٿا، هن ٻڌايو ته سرسو کان ورتل ننڍي قرض مان مون پنهنجي گهر واري کي فروٽ ۽ سبزي وڪرو ڪرڻ لاءِ هڪ ريڙهو وٺي ڏنو آهي، جنهن مان گهر جو گذرسفر ڪريون پيا. ان کان علاوه حضوران خاتون، شرمان خاتون، جيجان خاتون ۽ ٻين COs ۽ VOs جي ميمبر عورتن پنهنجون حقيقي ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون ته هنن غربت جي چار مان ڪيئن پنهنجي جانِ آجي ڪئي.

انهيءَ موقعي تي چيئرمين محترم شعيب سلطان خان عورتن سان ڳالهائيندي چيو ته: بچت جيڪا اوهان جي CO جو بنياد آهي. جيڪڏهن CO مضبوط هوندي ته VO ۽ LSO پڻ مضبوط ٿينديون. اوهان سڀ ڪم ڪيا آهن ۽ اوهين LSO سان جڙيل آهيو، اوهان ڏهه روپيا هر مهيني LSO کي ڏيو نه ته اوهان جي LSO هوا ۾ ٽنگيل هوندي. مهناز ۽ اوهان سڀني جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو يقين اجان به پختو ٿي ويو آهي ته هر عورت ۾ پنهنجي حالت تبديل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. اوهان اهڙين غريب عورتن کي هٿ ڪيو آهي جيڪي هن مقصد لاءِ گهربل هيون. چيئرمين چيو ته تازوئي هڪ هيرو انٽرنيشنل سطح تي نيلام ٿيو آهي، جنهن جو ملهه 20 ارب طئي ڪيو ويو. منهنجي نگاهه ۾ اوهان ان هيري کان به وڌيڪ قيمتي آهيو.



ٻيو تہ ڪنهن کي بہ يقين ڪونہ پئي آيو تہ عورتن کي قرض ملندو ۽ اهي صحيح استعمال ڪنديون، اهو اوهان سچ ۾ ممڪن ڪري ڏيکاريو. پاڪستان کي قائم ٿئي 70 سال ٿي ويا آهن. ڪيتريون ئي حڪومتون آيون ۽ ويون. پر سنڌ حڪومت اوهان تي اعتماد ڪيو ۽ پئسو ڏنو ۽ اوهان بہ ان پئسي جو صحيح استعمال ڪري نہ فقط اوهان کي پر پاڻ کي بہ سرخرو ڪيو آهي. اڄ هتي سنڌ حڪومت جا نمائندا وينل آهن. جيڪي وجي ٻڌائيندا تہ ڪيئن -/10,000 ذريعي غربت جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو. مون کي خوشي ٿي تہ هتي اڄ هڪ عورت چيو تہ ڏهہ هزار قرض مون لاءِ وٺڻ استعمال ڪرڻ ۽ واپس ڪرڻ ۾ آسان آهي. هن پروگرام جو اصل مقصد بہ اِهو هو تہ اوهان جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ها تہ سرسو بہ سرخرو ڪونہ ٿئي ها. CIF جي رقم هڪ امانت آهي، جيڪا LSO کي غريب ماڻهن تائين پهچائڻي آهي، جيڪڏهن ٻيون لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ائين نہ ٿيون ڪن تہ اوهان انهن کي هتي وٺي اچو ۽ ڏيکاريو. مون کي اوهان تي مڪمل يقين آهي ۽ منهنجي هڪ ڳالهہ هميشہ ياد رکو تہ جيڪڏهن CO مضبوط تہ LSO, VO ۽ CIF بہ مضبوط آئون اوهان سڀني جو ۽ سرسو جو ٿورائتو آهيان.

انهيءَ موقعي تي راشد باجوه عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو تہ: مهناز ماڻهن جون زندگيون بچايون آهن. اِها تمام وڏي خدمت آهي، اڄ هتي هن ميڙاڪي ۾ آءُ پنهنجي اداري پاران اهو اعلان ٿو ڪريان تہ LSO سنڌ سجاڳ کي هڪ لک روپيہ فنڊ ڏنو ويندو جيڪو (Emergency) هنگامي حالت ۾ غريب عورتن جي علاج واسطي LSO ڪتب آڻيندو.



تنهن بعد اطهر حسين ميراڻي عورتن سان ڳالهائيندي چيو تہ: اوهان جي هن پروگرام ۾ اچي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. هتان جي ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي صحت جي انشورنس بہ ڪرائين ٿا. جڏهن تہ شهر جا ماڻهو بہ ان سهولت مان فائدو نٿا وٺن. توهان بچت ڪريو ٿا ۽ پنهنجين تنظيمن کي وڏايو بہ ٿا. اوهان پئسي جو صحيح استعمال ڪيو آهي. منهنجو تعلق سنڌ حڪومت جي ناڻي واري کاتي سان آهي. مان چاهيندس تہ ان کاتي جو سربراهہ بہ اوهان عورتن کي ڪيو وڃي. جَسُ لهڻي توهان سڀني عورتن کي جيڪي پنهنجي ساٿي غريب عورتن لاءِ ايترو ڪجهہ ڪريو ٿيون.



پرويز چانڊيو پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ: يونين ڪائونسل رستم جي LSO فعال آهي، اڳ ٻڌندا هئاسين. پر، اڄ هتي اچي پڪ ٿي تہ ايل.ايس.او سنڌ سجاڳ تمام گهڻي سرگرم آهي. هن نہ فقط CIF جو دُرست استعمال ڪيو آهي. پر گڏوگڏ ٻيون بہ عام ڀلائيءَ واريون ڪيتريون ئي سرگرميون سرانجام ڏئي رهي آهي ۽ پنهنجي ڪميونٽي جي غريب عورتن جي معيارِ زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي پڻ آندي آهي، ۽ اميد ڪجي تہ هي محنتي ۽ جفاڪش عورتون پنهنجو سفر هميشہ ائين ئي جاري رکنديون ۽ ڏکئي انسانيت جي

خدمت ڪنديون رهنديون.

آخر ۾ سرسو جي اڳواڻ محمد ڏتل ڪلهوڙو ايل.ايس.او سنڌ سجاڳ جي جفاڪش عورتن ۽ آيل سيني مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو تہ تمام سني ڪوشش آهي، LSO جي منظم عورتن جي، اسان جو ساٿ سندن سان گڏ هُيو، آهي ۽ سدائين رهندو، اسين بہ اها اميد ڪريون ٿا، هي پنهنجي سفر کي جاري رکنديون.

پروگرام جي پڄاڻيءَ بعد LSO سنڌ سجاڳ کان موڪلائي، سمورو وفد LSO مهراڻ پهتو جتي اڳ ئي منظم عورتون چيئرمين ۽ ٻين مهمانن جو انتظار پئي ڪيو. LSO مهراڻ ۾ جڏهن وفد پهتو تہ سندس شاندار استقبال ڪيو ويو.

پروگرام جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. تعارف بعد LSO مهراڻ جي چيئرپرسن بلقيس خاتون ۽ فنانس سيڪريٽري صنم مهر LSO جي ڪارڪردگي ٻڌائيندي چيو تہ: اسان جي LSO مهراڻ ۾ 39 وي.او ۽ 136 سي.او شامل آهن جڏهن تہ ايل.ايس.او جي آفيس جو پلاٽ زميندار وقف ڪيو آهي، بعد ۾ سمورين ميمبر




عورتن بچت جمع ڪري تنظيم جي آفيس ٺهرائي آهي. هنن ٻڌايو تہ LSO مهراڻ ۾ بہ (BDGs) بزنس ڊولپمينٽ گروپس پڻ جڙيل آهن، جيڪي پاڪستان سطح تي هٿ سان ٺاهيل شين کي وڏن شهرن جي شاپنگ مال ۾ وڪري ۽ نمائش رکيو ويندو آهي، جنهن مان ڪين ڪافي ناڻو ملي ويندو آهي. ۽ هن گروپ سرسو جي سهڪار سان انڊيا جي مارڪيٽ جو دؤرو پڻ ڪيو آهي. LSO مهراڻ بغير وياج وارو قرض (CIF) غريب عورتن کي ڏياريو آهي، جنهن جون بہ پنهنجيون الڳ ڪٿائون آهن. جيڪي هتي پنڊال ۾ وينل عورتون پاڻ ٻڌائينديون.

شهزادي خاتون، بادام بانو، گل خاتون، سرور خاتون ۽ ٻين ٻڌايو تہ سرسو جي مليل نندي قرض مان چؤپايو مال، زمين لاءِ ٻج ياڻ، گهريلو سطح تي رليون ناهڻ، برٽ پرڻ، ننڍا ننڍا دوڪان کولي غربت سان ڀرپور مقابلو ڪيو آهي ۽ هاڻ غربت کان ڪافي حد تائين جان آجي ٿي وئي آهي، اسان جو سفر اڃان جاري آهي انشاءالله هڪ ڏينهن ڪاميابي ضرور نصيب ٿيندي. هنن وڌيڪ ٻڌايو تہ سرسو نہ فقط اسان جي مالي مدد ڪئي آهي گڏوگڏ شعور پڻ ڏنو آهي.




آخر ۾ چيئرمين شعيب سلطان خان ۽ سنڌ حڪومت جي نمائندن LSO مهراڻ يونين ڪائونسل پرکڻ جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو ۽ ڪين سچائي سان ڪم ڪري ڪاميابي ماڻڻ تي مبارڪون پڻ ڏنيون.

# مس ڪيٿرين انيس ڪارٽر۽ قيصر بنگالي پاران سرسو جو دورو

سرسو سان سلهاڙيل سنڌ واسي هڪ ڏينهن پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ مستقل جدوجهد ۾ رٿابندي ڪندا.

بخت علي ابڙو

سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غربت جي خاتمي جي سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان (يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام) سنڌ يونين ڪائونسل اينڊ ڪميونٽي اڪنامڪ اسٽريٽننگ سپورٽ پروگرام (سڪسيس) ۾ يورپي يونين پاران فنڊنگ ڪري ان پروگرام کي سنڌ صوبي جي 14 ضلعن ۾ شروع ڪيو آهي.

اهڙن خيالن جو اظهار يورپي يونين جي سڪسيس پروجيڪٽ جي ٽيڪنيڪل سپورٽ ٽيم جي سربراهه مس ڪيٿرين انيس ڪارٽر“غربت جي گهٽتائي ۾ ڪميونٽي جو ڪردار“ واري ورڪشاپ ۾ ڪيو.

هي ورڪشاپ 4 جولاءِ 2017ع تي سرسو ڪامپليڪس ۾ منعقد ڪيو ويو. مِس ڪيٿرين جو چوڻ هيو ته يورپي يونين سنڌ حڪومت جي پروجيڪٽ (يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام) مان متاثر ٿي بلڪل اهڙي طرز جو هڪ پروگرام ”سڪسيس“ نالي سان شروع ڪري ڇڏيو آهي. هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته ايندڙ ڇهن مهينن جي دوران ڪميونٽيز ۽ مختلف سلهاڙيل ادارن سان گڏجي صلاح مشورا ڪرڻ کانپوءِ هڪ باقاعده پاليسي جوڙي سنڌ حڪومت جي حوالي ڪئي ويندي. مِس ڪترين چيو ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ڪيترن ئي پنتي پيل ضلعن بالخصوص ٻهراڙين کي اڳتي آڻڻ ۽ انهن کي دنيا جي بدلجندڙ حالتن پٽاندڙ زندگي جا گُرَ سيکارڻ جي حوالي سان تعريف جي مستحق آهي.

هن وڌيڪ چيو ته هينئر اِها ڳالهه ڪنهن کان به لڪيل ڪونه آهي ته سرسو جي اِها ڪوشش نظر به اچي ٿي ته سنڌ جا ماڻهو خود ان لائق بڻجن جو هو پنهنجو پاڻ، پنهنجي ڪٽنب ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ علائقي کي غربت جي ڏبڻ مان نه صرف آجو ڪرائن پر جديد دؤر جي تقاضائن کي سمجهندي پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ جامع ۽ مستقل جدوجهد جي رٿابندي پڻ ڪري سگهن. هن چيو ته مونکي يقين آهي ته هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو جو هتان جا ماڻهو اهڙيون قابليتون پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا.



اقتصاديات جي ماهر قيصر بنگالي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام سنڌ حڪومت 2008-9 ۾ شروع ڪيو، جنهنجي طرز تي هينئر يورپي يونين ”سڪسيس“ جي نالي سان شروع ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته هن پروگرام تحت يورپي يونين 8 ضلعن ۾ فنڊنگ ڪري رهي آهي. قيصر بنگالي جو چوڻ هيو ته سنڌ حڪومت ۽ ٻيا ادارا سرسو جي تعاون سان پُٺتي پيل علائقن ۾ اهڙا پروجيڪٽ شروع ڪري رهيا آهن جنهنجي پڄاڻي سان غربت کي گهٽائڻ ۾ هٿِي ملندي. هن چيو ته انهن پروجيڪٽن تحت سنڌ جي ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي، گهرن جي تعمير، ننڍا ڪاروبار ۽ ٻين تجويزن کي سامهون رکي عملدرآمد ڪيو ويندو.



هن چيو ته مون کي 2010ع جي مَها ٻوڏ دوران سرسو سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. مان شاهد آهيان ته سرسو جي هرهڪ ڪارڪن ڏينهن رات هڪ ٿي پنهنجي فرض کي جنهن انداز سان نڀايو تنهنجو مثال ورلي کو ملي ٿو. هن چيو ته ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن سمورين ڪوششن ۽ ڪاوشن کي بنا ڪنهن فرق ۽ وقفي جي جاري رکيو وڃي جن جي بدولت سنڌ جي اپوجهه، پنتي پيل، غربت ۽ مفلسيءَ جي پيڙهيل ماڻهن جي زندگي ۾ خوشحالي پکيڙي هڪ تاريخ رقم ڪجي. سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ 2003ع کان ڪم ڪري رهي آهي ته جيئن غريب ماڻهن جي ذهني تربيت ڪندي کين ايڪي، ٻڌي طرف وٺي وڃجي ۽ پنهنجا مسئلا، مونجهارا سجاڻيندي هڪ جاءِ تي ويهي انهن جو حل ڳولهن ته جيئن غربت مان ڇوٽڪارو حاصل ٿي سگهي ۽ جديد سهولتن مان به فائدو حاصل ڪري سگهن. ان ڏس ۾ سرسو اڻ ڳڻيون ڪاميابيون ماڻيون آهن. هن چيو ته اڄ به ڪميونٽي موبلائيزيشن جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ۽ ڪميونٽي موبلائيزيشن جي ذريعي ئي اسان پنهنجو حدف حاصل ڪري سگهون ٿا.

تقريب کي خطاب ڪندي UCBPRP جي عيوضي علي ڪوسو چيو ته ”سڪسيس“ پروگرام 6 نون ضلعن عمرڪوٽ، سانگهڙ، ميرپور خاص، خيرپور ميرس، بدين ۽ ٺٽو ۾ شروع ڪرڻ لاءِ 4.9 بلين جي اي.ڊي.پي اسڪيم رکي وئي آهي ۽ پروگرام تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ پهرين قسط 368 ملين سرسو جي حوالي ڪيا ويا آهن. هن پروگرام تحت مٿين ضلعن جي 321 يونين ڪائونسلز ۾ سرگرمين جو آغاز ٿي چڪو آهي، جنهن تحت 8599 گهر، گهٽ آمدني وارن فردن کي ناهي ڊيٽا آهن جڏهن ته 30708 خاندانن کي انڪم جنريشن گرانٽ ڏني ويندي.

هن وڌيڪ ٻڌايو ته 122835 خاندانن کي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) ڏنو ويندو، اهڙي طرح 32244 ماڻهن کي ووڪيشنل ٽريننگ ۽ هر ضلعي ۾ هڪ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ اسڪيم متعارف ڪرائي پئي وڃي.

هن وڌيڪ چيو ته سڪسيس پروگرام UCBPRP جيان ”غربت گهٽايو پروگرام“ آهي، سندس چوڻ هيو ته يورپي يونين سنڌ جي اٺن ضلعن جي چونڊ ڪئي آهي، جنهن ۾ ٽنڊو محمد خان، سجاول، مٽياري، ڄامشورو، ٽنڊوالهيار، دادو، قمبر-شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو آهن آهن. ورڪشاپ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر محمد يوسف شيخ، جمال شورو، ڊاڪٽر غلام رسول سميجو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. آخر ۾سرسو جي چيف ايگزيڪٽو آفيسر سيني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا اهڙي طرح هي پروگرام پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.

# خوشحال نيٽ ورڪ لکي منزل اڃان بہ اڳتي







لالڻ ڏهر
متحرڪ ڪارڪن
خوشحال نيٽ ورڪ لکي




جڏهن هر يونين ڪائونسل ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSO) ٺهي چڪيون هيون ۽ هو پنهنجو ڪم محنت ۽ همت سان ڪري رهيون هيون تہ ان وقت انهن تنظيمن اهو فيصلو ڪري ورتو تہ اسان سيني LSOs کي گڏجي تعلقي سطح تي گڏيل ادارو ناهڻ گهرجي تہ جيئن اسان ان گڏيل اداري جي بنياد تي هڪ ٻئي سان رابطي ۾ هجون ۽ سيني يونين ڪائونسلز ۾ هڪ جهڙي طريقي ۽ پلاڻي جا ڪم سرانجام ڏئي سگهجن.

متحرڪ ڪارڪنن جي گڏيل راءِ سان سيني لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "مُرڪ" (شيرڪوٽ)، "خوشبو" (حبيب ڪوٽ)، "آواز" (منگراٽي)، "رائيزنگ" (وزير آباد)، "سنڌ" (عبدو)، "ڪائنات" (طيب)، "سنڌ سرهاڻ" (سيهواڻي)، "مهراڻ" (پرڪڻ)، "سنڌ سجاڳ" (رستم)، "سرتيون سنڌ" (چڪ)، "روح رهاڻ" (لکي) گڏجي هڪ تعلقي سطح جو ادارو ناهيو جنهن جو نالو "خوشحال نيٽ ورڪ رکيو ويو.

شروعات ۾ ئي سيني جي گڏيل همت سان ايل.ايس.او "آواز" منگراٽي ۾ شرنِ ۽ ڪوسڻ ۾ هلندڙ خوني تڪرار کي ميڙمنٽ جي صورت ۾ وجي انهن کي جهيڙن جي نقصان بابت آگاهي ڏئي جهيڙو ختم ڪرايو جيڪو گهڻو خطرناڪ هيو.

خوشحال نيٽ ورڪ جي متحرڪ ڪارڪنن پاڻ منجهان بهترين محنت ۽ همت وارين ڪارڪن عورتن کي پنهنجي تعلقي سطح جي اداري لاءِ عهديدار چونڊيو جن ۾ چيئرپرسن مسمات بلقيس هڪڙو (LSO مهراڻ) وائيس چيئرپرسن مسمات نسيم ڪوسو (LSO آواز) خزانچي مسمات پاڳ پري (LSO سنڌ سرهاڻ) جيڪي تمام محنتي ۽ هر ڏکئي وقت ۾ پنهنجي هرهڪ ميمبر سان سڏ ۾ سڏ ملائيندي رات هجي يا ڏينهن مدد لاءِ پهچي وينديون آهن.

هنن محنتي ڪارڪن عورتن ۾ مسمات مهناز مهر (سنڌ سجاڳ) کي 10 ضلعن منجهان بهترين ڪارڪردگيءَ تي برائيٽ اسٽار چونڊيو ويو ۽ ڪيس ايوارڊ سان پڻ نوازيو ويو.

مهناز ٻوڏ جي وقت ۾ سرڪاري سطح تي رابطو ڪري غريبڻ گوٺاڻن جي مدد ڪندي سرڪار کان راشن ۽ ٻيو سامان وٺي انهن غريبن ۾ ورهايو.

اهڙي ئي نيٽ ورڪ جي ڪوشش سان صحت ويما پاليسي تحت پوري تعلقي ۾ ٻہ هزار اهڙين عورتن کي فائدو ڏياريو ويو آهي، جيڪي تمام غريب گهراڻن سان تعلق رکن ٿيون ۽ جيڪي پاڻ اهو فائدو حاصل نہ پئي ڪري سگهيون، انهن کي خوشحال نيٽ ورڪ جي ليڊر عورتن وٺي ڏنو.

خوشحال نيٽ ورڪ جي ساٿين جي گڏيل ڪوشش سان تعلقي لڪيءَ ۾ 61 غريب عورتن کي بينظير هائوسنگ اسڪيم تحت **13,725,000** جا گهر ونرائي ڏنا ويا. هي اُهي مسڪين ماڻهو هُئا جن کي رهڻ لاءِ صرف

| گهرن جي رقم | ڏنل گهر | يو.سي جو نالو | نمبر |
|---|---|---|---|
| **بينظير هائوسنگ سيل** | | | |
| 450,000 | 2 | لڪي | 1 |
| 1,125,000 | 5 | پرڪڙ | 2 |
| 450,000 | 2 | حبيب ڪوٽ | 3 |
| 675,000 | 3 | منگراٽي | 4 |
| 675,000 | 3 | رستم | 5 |
| 225,000 | 1 | شيرڪوٽ | 6 |
| 1,350,000 | 6 | وزيرآباد | 7 |
| 5,62,5000 | 25 | عبدو | 8 |
| 900,000 | 4 | چڪ | 9 |
| 675,000 | 3 | سيواٽي | 10 |
| 1,125,000 | 5 | جهانو | 11 |
| 225,000 | 1 | ڄاڄي قبو | 12 |
| 225,000 | 1 | ناپر | 13 |
| **13,725,000/-** | **61** | ڪل | |







ڪکاون گهر هئا جيڪي برسات ۾ جُهري پوندا هئا ۽ غريب ننڍڙن ٻارن سميت کليل آسمان هيٺ ويهي وقت گذاريندا هئا.

خوشحال نيٽ ورڪ جي تعاون سان تعلقي جي ٻارنهن يونين ڪائونسلن جي 769 غريب عورتن کي 82,36000/- امدادي رقم سرسو اداري کان ڏياري وئي جيڪي تعلقي جي 175 ڳوٺن سان تعلق رکندڙ آهن ۽ انهن غريب عورتن انهيءَ رقم مان مختلف روزگار ڪيو ۽ گهڻو نفعو حاصل ڪيو آهي.

ائين ئي جن ڏورانهين ڳوٺن ۾ ٻيا ادارا غريب ماڻهن تائين پهچي نه سگهيا. اتي به خوشحال نيٽ ورڪ جي ڪارڪنن سرسو اداري جي معرفت انهن ڳوٺن ۾ پهچي 2028 پاڻي جا نلڪا 112 ڳوٺن ۾ تقريبا ٻن ڪروڙن جي



لاڳت سان لڳرايا ۽ تعلقي جي 8 ڳوٺن ۾ 33 لکن جي لاڳت سان ليٽرين ۽ نلڪن جي سهولت پڻ ڏياري وئي آهي. ۽ تعلقي جي 9 مختلف ڳوٺن کي لڳ ڀڳ 30 لکن جي لاڳت سان روڊ، ناليون ۽ نلڪا ڏياريا ويا آهن، جن مان اڄ به اُهي ڳوٺاڻا فائدو حاصل ڪري رهيا آهن ۽ ائين ئي خوشحال نيٽ ورڪ جا جفاڪش ڪارڪن اڄان به وڏيڪ غريب عورتن لاءِ جاکوڙي رهيون آهن.

اسان جي ٻهراڙين ۾ عورتن کي هنري سکيا جي تمام ضرورت هئي جيڪي ٻاهر وڃي اُها سکيا حاصل نه پئي ڪري سگهيون. ڇوته هن معاشري ۾ ڪجهه عورتن لاءِ ٻاهر وڃي ڪري هنر سکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان ڪري سرسو سان مِلي هنري سکيا جا سينٽر کولرائي 394 ڳوٺن جي 4708 ماڻهن کي هنري سکيا ڏياري وئي جن ۾ 3095 عورتون ۽ 1613 مرد شامل آهن، جيڪي هاڻي انهيءَ سکيل هنر مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن ۽ صبا پاڪستان ۽ سرسو سان گڏجي وڏو ڪاروبار ڪري رهيا آهن ۽ هر ڳوٺ ۾ انهن جا بزنس ڊولپمينٽ گروپ ٺاهيا ويا آهن هن وقت 20 ڳوٺن ۾ برڙ، ٽڪ، رِلي ۽ ٻيو گهڻو ڪم گروپن جي صورت ۾ ڪيو وڃي ٿو ۽ هن وقت تائين اُهي گروپ تقريبا چاليهه لکن جو ڪاروبار ڪري چڪا آهن.






ائين ئي خوشحال نيٽ ورڪ جي محنتي عورتن گڏجي مختلف ادارن سان ملي ڪري چئن ڳوٺن ۾ هنري سکيا جا سينٽر کولرائي اتان جي غريب نياڻين کي هنري تربيت ڏياري آهي. هي نيٽ ورڪ سرسو کان علاوه اينگرو فائونڊيشن، صبا پاڪستان، هدايه ٽرسٽ، الشفا ٽرسٽ، سيو دي چلڊرين، تخليق فائونڊيشن، گرين اسٽار، هيلپ ايج انٽرنيشنل، هينڊس، ڪائنات فائونڊيشن، ماروي اسٽوپس سوسائٽي ۽ ڪيترن ئي ٻين ادارن سان گڏجي ڪم ڪيو آهي.

خوشحال نيٽ ورڪ تعلقي جي ڪيترن ئي نوجوانن کي آماده ڪري پاڪ آرميءَ ۾ ڀرتي ڪرايو آهي ۽ هن وقت انهن نوجوانن کي ملڪ جي خدمت ڪندي ڏسي ٻيا جوان به پاڪ آرمي ۾ وڃي رهيا آهن. خوشحال نيٽ ورڪ هيلپ ايج انٽرنيشنل سان گڏجي تعلقي جي مختلف ڳوٺن ۾ 28 بزرگن جون تنظيمون جوڙايون ۽ انهن متعلق قانوني ۽ آئيني حاصلات لاءِ جاکوڙ ڪئي ته جيئن بزرگن کي انهن جا حق ڏياري سگهجن.

نيٽ ورڪ جي محنتي ۽ متحرڪ عورتن گهڻي جاکوڙ ڪندي تعلقي ۾ سمورن اسڪولن جي مڪمل تعداد جن ۾ ڪليل ۽ بند اسڪولن بابت پاڻ سروي ڪئي ۽ اها ڪيل سروي سرڪاري محڪمن تائين پهچائي ته جيئن سرڪار سان ملي بند پيل اسڪول کولرائي ٻارڙن کي تعليم ڏياري وڃي ته جيئن سندن مستقبل روشن ٿي سگهي.

انهيءَ سروي مطابق بوائز پرائمري اسڪول 202، آهن جن مان 175 اسڪول ڪليل آهن ۽ 27 اسڪول بند پيل آهن ۽ انهن اسڪولن ۾ داخل شاگردن جو تعداد 15225 آهي ۽ استادن جو تعداد 225 آهي.

تعلقي ۾ گرلز پرائمري اسڪول ٽوٽل 32 آهن، تن مان 24 ڪليل ۽ 8 بند پيل آهن ۽ داخل شاگردياڻين جو تعداد 2184 آهي ۽ 72 ماسترياڻيون آهن. سموري تعلقي جي گورنمينٽ ۽ پرائيويٽ اسڪولن جو تعداد به خوشحال نيٽ ورڪ وٽ موجود آهي جيڪا هنن جي بهترين جاکوڙ چئبي. تعليم ۽ صحت جي مسئلي ۾ بهترين ڪارڪردگي تي





مسمات مهناز، نسيم ۽ صنم کي جيڪي خوشحال نيٽ ورڪ جون جفاڪش عورتون آهن، ڪين مختلف ادارن کان ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن. جن سان هنن جي تمام گهڻي همت افزائي ٿي آهي.

خوشحال نيٽ ورڪ 12 بند پيل اسڪول کولرايا آهن، جن تي بااثر ماڻهن جو ڪافي عرصي کان قبضو هيو. نيٽ ورڪ جي متحرڪ عورت ڪارڪنن مسمات بلقيس، مسمات شهناز، مسمات رحمت، مسمات منظور، مسمات نسيم، مسمات بشيران، مسمات حسينه، مسمات عذرا، مسمات رخسانه جيڪي پوليو ۽ حفاظتي ٽڪا هڻندڙ ٽيمن سان گڏجي هر ڳوٺ ۾ گهر گهر وڃي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ٻارڙن کي پيئارينديون آهن، سرڪاري ادارن سان گڏجي هنن جو اهو تعاون عام ماڻهن لاءِ ڏاڍو فائديمند آهي.

نيٽ ورڪ جي رُڪنن نادره سان گڏجي مختلف ڳوٺن ۾ 24 موبائيل ڪئمپون لڳرايون ۽ ماڻهن کي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائي ڏنا ويا، جتي اڳ ماڻهو سڃاڻپ ڪارڊ کان به اڻ واقف هئا، ڪئمپ کان پهريان نيٽ ورڪ جي متحرڪ عورتن شناختي ڪارڊ جي اهميت بابت جاڳرتا مهم جا پروگرام منعقد ڪرايا ۽ ڳوٺاڻن ۾ ڪارڊ جي اهميت بابت آگاهي ڏني تنهن بعد ماڻهو ڪارڊ ٺهرائڻ تي آماده ٿيا.

تعلقي ۾ صنفي اڻ برابري متعلق مختلف ڳوٺن ۾ خاص ڪري انهن ڳوٺن ۾ جتي عورت کي ڪابه اهميت نه ڏني ويندي هُئي ۽ نياڻين کي تعليم کان پري رکيو ويندو هيو. اتي آگاهي پروگرام منعقد ڪرائي. صنفي اڻ برابري تي ليڪچر ڏنا ويا، انهن پروگرامن مان بهترين نتيجا سامهون آيا آهن. گڏوگڏ تعلقي جي مختلف ڳوٺن ۾ جتي مڇرن سبب مليريا ۽ ٻيون بيماريون ڦهلجي رهيون هيون، ضلعي حڪومت سان ملي ڪري ڳوٺن ۾ ڦوهارا ڪرايا ويا ته جيئن وڏيڪ بيماريون نه ڦهلجن.



الائيڊ سولر سسٽم وارن سان گڏجي ڪاروبار

جي شروعات پڻ ڪئي آهي جيڪو يونين ڪائونسل پرڪڻ ۾ LSO مهراڻ سان هڪ معاهدو ڪيو ويو آهي جنهن تحت الائيڊ سولر سسٽم جي ڪاروبار ۾ هڪ لک روپين تي 13000 هزار روپين جي بچت LSO مهراڻ کي ڏيندي. جيڪو ڪاروبار هن وقت بهتر هلي رهيو آهي.

خوشحال نيٽ ورڪ جي سموري ٽيم ڪيترن ئي ٻارڙن کي جيڪي داخل هوندي به اسڪول نه پئي ويا. سندن والدين کي آماده ڪري انهن ٻارڙن کي ٻيهر اسڪول پهچايو آهي.

صحت پاليسي تحت هن سال ۾ تعلقي رستم جي پرڪڻ، عبدو، منگراٽي يونين ڪائونسل ۾ غريب عورتن کي تمام گهڻو فائدو ڏياريو ويو آهي. ۽ هن نيٽ ورڪ "نارا ويلفيئر ٽرسٽ" کان 15 غريب عورتن کي کاڌ خوراڪ (راشن) وٺي ڏنو آهي. جيڪي ڪين دعائون ڏئي رهيا آهن. ۽ نيٽ ورڪ جي محنتي ساٿين بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ وڃي. 12 تمام غريب عورتن جا ڪارڊ ونرائي ڏنا آهن جيڪي ڪن سببن ڪري ڪين ڪافي عرصي کان نه پئي ملي سگهيا.



خوشحال نيٽ ورڪ جي متحرڪ ڪارڪن عورتن پنهنجي جاکوڙ جو هڪ قدم اڳتي وڌائيندي ڪيترن ئي ٻين ادارن سان رابطا پڻ ڪيا آهن گڏوگڏ سرڪاري ادارن سان لهه وچڙ ڪئي آهي ته جيئن پنهنجي تعلقي ۾ رهندڙ غريب مارئڙن لاءِ مختلف اسڪيمون وٺي سگهجن ۽ غريب عورتن کي وڌ کان وڌ فائدو ڏياري سگهجي. نيٽ ورڪ جي جستجو اڃان جاري آهي، اسان جو حوصلو بلند آهي ۽ اسين پُراميد آهيون ته پنهنجي علائقي ۾ بهتر کان بهتر ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون سين. اسان جي اها ڀرپور ڪوشش آهي ته هن نيٽ ورڪ کي اڃان به اڳتي وڌايون ته جيئن هر ماڻهوءَ ۾ اهو شعور ۽ آگاهي اچي وڃي ته جيئن هو ڏکئي انسانيت جي خدمت جي جذبي سان سرشار ٿين ۽ پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي ڪندي هرڳوٺ ۾ پرسڪون ماحول بڻائيندي پنهنجي ٻارن جي مستقبل جو خيال رکن عورتن جي عزت نفس جو خيال رکندي پنهنجي آمدني جي ذريعن کي وڌائڻ جي ڪوشش ۾ ڪوجنا ڪن ته جيئن اسان جا ڳوٺ مثالي ڳوٺ بڻجي سگهن.





# ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏهاڙو

بابر جاگيراڻي
MER Officer (Region III)

هر سال 15 آڪٽوبر جو ڏينهن عالمي سطح تي ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏينهن طور ملهايو ويندو آهي. جنهن جو مقصد ٻهراڙي جي عورتن کي مان ڏيڻ آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتون گهر جي ڪم ڪار سميت زمين جو ڪم ٻه مردن سان گڏجي ڪنديون آهن. ۽ ٻهراڙي جون عورتون همٿ ۽ حوصلي سان اپرندڙ سج کان وٺي شام تائين پنهجي ڪمن ۾ رڌل رهنديون آهن. ٻهراڙي جون عورتون هٿ جي هنر ۾ ٻه ڪمال جي مهارت رکنديون آهن، جيڪي واندڪائي جي وقت کي عيب سمجهنديون آهن. اهي عورتون گهر جو ڪم ڪار پورو ڪري رليون سبڻ، ڀرت ڀرڻ، ڪٽڪ جي تيلين مان پنديون، وِڄڻا ناهڻ، سلائي ڪرڻ سميت ٻيو هٿ جو هنر ڪري گهر جي آمدني ۾ ٻه اضافو ڪنديون آهن. ٻهراڙي جون عورتون فصل جي پوکائي کان ويندي لاباري تائين مردن سان گڏجي گرمي توڙي سردي ۾ گڏجي ڪم ڪنديون آهن.




هر سال هن ڏينهن کي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارا، سماجي تنظيمون ڳوناڻين عورتن جو عالمي ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن. عورتن جي هن ڏينهن کي فروغ ڏيڻ لاءِ ٽيلويزن، ريڊيو، پرنٽ ميڊيا خاص اشاعتون جاري ڪنديون آهن. ۽ سماج ۾ڳوناڻين عورتن جي ڪردار جي جائزي، اقتصادي سڌاري ۽ زرعي ترقيءَ لاءِ بحث مباحثا، تحقيقي مقالا ۽ ڪانفرنسون پڻ منعقد ڪيون وينديون آهن.
15 آڪٽوبر 2008 تي پهريون پيرو ڳوناڻي عورتن جي عالمي ڏينهن طور ملهايو ويو. هي ڏينهن، زرعي ۽ ڳوناڻي ترقي کي وڌائڻ، غربت کي ختم ڪرڻ ۽ غذائي تحفظ کي بهتر ڪرڻ ۾عورتن جي ڪردار کي تسليم ڪرڻ لاءِ عورتن جي عالمي ڏينهن طور ٻه ملهايو ويندو آهي. ٻهراڙيءَ جي عورتن کي مانُ ڏيڻ جو خيال پهريون پيرو عورتن




جي چوٿين عالمي ڪانفرنس جيڪا 1995 ۾ چين جي شهر بيجنگ ۾ٿي ان ۾ پيش ڪيو ويو. ۽ اها تجويز ڏني وئي ته 15 آڪٽوبر ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو وڃي. جيڪو عالمي خوراڪ ڏهاڙي جي ابتدائي ڪڙي هوندو. ڇو ته ڳوٺاڻين عورتن جو خوراڪ جي پيداوار ۽ خوراڪ جي حفاظت ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. عورتن جي ان ڪردار کي اجاگر ڪرڻ لاءَ. "ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏينهن" مخصوص ڪيو ويو. جيئن ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پڻ ٻهراڙيءَ جي عورتن سان گڏ جي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ جاکوڙي رهي آهي. ضلعي شڪارپور جي تعلقي لکي غلام شاهه جي ايل ايس اوز LSOs جي نيٽ ورڪ "خوشحال" جي ميمبر عورتن 15 آڪٽوبر2017 تي يونين ڪائونسل چڪ جي ايل ايس او "سرتيون سنڌ" جي آفيس ۾ "عورتن جو عالمي ڏينهن" ملهايو ويو.

پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. تنهن بعد شرڪت ڪندڙن پنهنجو تعارف ڪرايو. سڀ کان پهريان مقامي سهڪاري اداري "سنڌ سجاڳ" جي خزانچي مهناز چيو ته ٻهراڙيءَ جي عورت کي هن وقت شعور اچي چڪو آهي، اڄ جي عورت سگهاري آهي. ڇو ته عورت نه فقط گهر، ٻار ۽ زراعت جو ڪم ڪري ٿي ان کان علاوه وقت ملڻ جي صورت ۾ هٿ جي هنر جو پورهيو پڻ ڪري ٿي. اڄ اهڙي بهادر ۽ محنت ڪش ٻهراڙي جي عورتن جو عالمي ڏهاڙو آهي اوهان سڀني کي اڄوڪو ڏينهن مبارڪ هجي، اڄ هڪ عهد ڪريون ته هي ڏهاڙو اسين هرسال گڏجي ڪري ملهائينديون سين.

ايل ايس او مهراڻ يونين ڪائونسل پرڪڻ جي صنم مهر ٻهراڙيءَ جي عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته سمورو سال، ٻهراڙيءَ جي عورت محنت ۾ مشغول رهي ٿي. عالمي سطح تي ٻهراڙيءَ جي عورتن جي ميڄتا لاءِ اڄوڪو ڏينهن انهن جي نالي ڪيو ويو آهي. پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح جون تنظيمون ۽ ان جي نيٽ ورڪ جي ميمبرز عورتن کي هتي گڏ ڪرڻ جو مقصد اِهو آهي ته جيئن سڀني کي خبر پوي ته 17 آڪٽوبر عالمي سطح تي عورتن لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. ڇو ته ٻهراڙيءَ جي عورت زرعي پيداوار ۾ مرد سان ڪلهوڪلهي سان ملائي پنهنجي محنت سان ثابت ڪيو آهي ته هن جو معاشي ۽ اقتصادي لحاظ کان اهم ڪردار آهي، جيڪو واکاڻ جوڳو آهي. تنهن ڪري اوهان جي محنتن، سچائي ۽ جاکوڙ کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ اڄ اسين سڀ هتي گڏ ٿيون آهيون.

جڏهن ته ان تقريب ۾ رضيه خاتون، رخسانه، رحمت خاتون ۽ ٻين ٻهراڙيءَ جي عورتن جي ڪردار کي ساراهيو ۽ ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي.

**

# سولر سسٽم جي ورهاست واري تقريب جو اکين ڏٺو احوال

پروين مهر
ايڪٽنگ ڊسٽرڪٽ مئنيجر - شڪارپور

انسان کي زنده رهڻ لاءِ جيتري ضرورت کاڌ خوراڪ جي پوي ٿي، اوتري ئي جسم کي ڍڪڻ لاءِ پوشاڪ ۽ اُس، برساتن کان محفوظ رهڻ لاءِ ڪيس پنهنجن ٻچڙن لاءِ هڪ محفوظ اجهو به لازمي گهربل هوندو آهي.
انهن مڙني ضرورتن کان بغير جيڪڏهن انساني زندگيءَ جو تصور ڪبو ته ڪيتري نه مشڪل ۽ ڏکائيندڙ ڳالهه هوندي. پنهنجن غريب ماروئڙن لاءِ هڪ محفوظ اجهي جي خواب کي ساپيان ڏيارڻ لاءِ سنڌ حڪومت، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) معرفت شڪارپور ضلعي ۾ گهرن جي اسڪيم جنهن جو نالو بينظير هائوسنگ اسڪيم آهي. ان اسڪيم تحت هتان جي غريب ۽ مسڪين عورتن کي 300 کان وڌيڪ گهرا نهرائي ڏنا ويا آهن. انهن مڙني گهرن جون اُهي مسڪين عورتون آهن جن وٽ نه ڪا سگهه هئي ۽ نه ڪو ذريعو جنهن سان اُهي پنهنجي نئين گهر جي حاصلات وارو خواب ساپيان ڪري سگهن.




سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان نه صرف شڪارپور ضلعي ۾ 300 کان وڌيڪ گهر نهرايا بلڪ انهن کي مڪمل سولر سسٽم جو پورو سيٽ به فراهم ڪيو ته جيئن سندن گهر روشن رهن. ان حوالي سان سرسو شڪارپور، يونين ڪائونسل شيرڪوٽ جي ڳوٺ چنڊ ۾ پنهنجي مقامي سهڪاري اداري "مُرڪ" پاران هڪ ڪميونٽي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر شهريار خان مهر کي مهمان خاص ڪري مانُ ڏنو. جڏهن ته سرسو جو سينيئر مئنيجر نثار احمد پناهڻ، يار محمد بوزدار، منظور جلباڻي، پروين مهر، صبيحه پٺو، عمادالدين، الطاف مهر سميت ٻين ڪيترن ئي خصوصي طور شرڪت ڪئي.



تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي اسيمبلي جي ميمبر محترم شهريار خان مهر چيو ته سرسو سان اسان جو ساٿ، تڏهن کان هلندو پيو اچي جڏهن کان سرسو جو وجود قائم ٿيو ۽ تڏهن کان مان ذاتي طور تي چئي سگهان ٿو ته هِن اداري هتي جي عوام سان گڏوگڏ سنڌ واسين جي هر ميدان ۾ خدمت ڪئي آهي. اِها ڳالهه تاريخ ۾ لکبي ته هِتان جي عورتن کي ڳالهائڻ ۽ سڃاڻپ سرسو ڏني آهي. هن چيو ته سندس خوشي آهي جو سرسو مان تربيت وٺندڙ منهنجي علائقي واسي عورتون اڄ پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ ڳوٺاڻيون تنظيمون ناهي پنهنجي ڳوٺ واسين جي خدمت ڪري رهيون آهن ۽ ننڍا ننڍا مسئلا

پاڻ واسطيدار آفيسرن تائين پهچائي حل ڪري رهيون آهن. جيڪا معمولي ڳالھ ناهي ان موقعي تي شهريار خان مهر ڪين يقين ڏياريندي چيو تہ مان ڪنهن بہ لحاظ کان اوهان کان پري ناهيان. توهان جڏهن بہ آواز ڏيندؤ مون کي اوهان پاڻ وٽ حاضر ڏسندؤ. مان هرممڪن تعاون جو منتظر رهندس تہ جيئن اوهان جي انهن ڪاوشن ۾ جاکوڙ ۾ گڏ هجان.



هن چيو تہ شڪارپور ضلعي ۾ جن بہ عورتن کي پنهنجي گهرن جو مالڪ بڻايو ويو آهي اُهي امڙيون ڀينرون انهن جون حقدار آهن.

محترم نثار احمد پناڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ جهڙيءَ ريت مقامي سهڪاري ادارن جي عورتن اهڙين اسڪيمن ۾ همٿ ڪري پاڻ اڳتي وڌيون ۽ جاکوڙ ڪئي آهي اُن تي سچ پچ هي تعريف جي قابل آهن. ان کان علاوه هنن وٽ پنهنجي علائقي واسين جي خدمت جو جيڪو جذبو آهي سو شايد ئي ٻيو ڪٿي هجي.

سرسو هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي تہ انهن جي زندگي غربت مان ڪڍي هڪ پُرآسائش ۽ مڃي مانيءَ جي لائق بڻائجي. جنهن ۾ سرسو ڪافي حد تائين ڪامياب پڻ وئي آهي.

ان تقريب کي يار محمد بوزدار، منظور جلباڻي، پروين مهر ۽ ٻين خطاب پڻ ڪيو.

تقريب جي اختتام ۾ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان 20 گهراڻن ۾ سولر سسٽم جا مڪمل سيٽ ڏنا ويا جن ۾ ماروي شمس الدين، رشيده شفيع محمد، غلام صغره صاحب ڏنو، حيبان علي ڏنو، لطيفان بهادر علي، ڏياڻي غلام شبير، شبيران شير محمد، ثمرين فتح محمد، مختيار بيگم حيدر، نثار بيگم هزار خان، مائي گلشن ممتاز علي، ظهيره عيدن، نورجهان امداد علي، مراداں حسين بخش ۽ ٻيون شامل هيون.

آخر ۾ هن ڪميونٽي ڪانفرنس ۾ شريڪ مقامي سهڪاري ادارن جي اڳواڻن سميت خوشحال نيٽ ورڪ جي عهديدارن مسمات مهناز، مسمات رخسانہ ۽ ٻين سنڌ حڪومت، سرسو ۽ ڪانفرنس ۾ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا.

جڏهن تہ ڪانفرنس دوران 15 ميمبر عورتن کي وزير اعظم اسڪيم تحت بناوياج قرض جا چيڪ پڻ ڏنا ويا، جن انتهائي خوشي جو اظهار ڪندي مقامي ۽ سنڌ حڪومت جي واڪاڻ ڪندي سرسو جي ڪنيل قدمن جي تعريف ڪئي.





# سانگهڙ ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام جي شروعات

شائستہ ابڙو

سوشل آرگنائيزر شهدادپور - سانگهڙ

سانگهڙ سنڌ جو اُهو تاريخي ضلعو آهي جنهن جي سجاڳ حر تحريڪ سان آهي، ان کان علاوه هي ضلعو زرعي پيداوار ۾ بہ هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. هن ضلعي جي آبادي 20 لکن جي لڳ ڀڳ آهي. سانگهڙ ضلعي جا ڇهہ تعلقا، سنجهورو، شهدادپور، ٽنڊو آدم، کپرو، ڄام نواز علي ۽ سانگهڙ آهن.

سانگهڙ ضلعو ڪنهن وقت ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو، جيڪو 18 صدي کان پوءِ مشهور ٿيو. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هڪ صدي کان وڌيڪ هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي حيثيت ۾ آباد رهيو.

سانگهڙ ضلعو سنڌ جي تاريخي جاين ۽ شخصيتن جي حوالي سان پڻ مشهور آهي جنهن ۾ گڙنگ بنگلو، جامع مسجد، مشهور بزرگ عبدالرحيم گرهوڙي، سلطان فقير لاشاري، ميرن جا قبا، ۽ وزير اعظم محمد خان جوڻيجو جو ڳوٺ، ۽ ان وقت جي شخصيتن ۾ اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اڳوڻو وڏو وزير ڄام صادق علي سانگهڙ ضلعي جا آهن.

تاريخي لحاظ کان سهڻي ميهار جو قصو بہ هن ضلعي سان لاڳاپيل آهي. ۽ سُهڻي جو مقبرو بہ سانگهڙ ضلعي جي مشهور شهر شهدادپور ۾ واقع آهي. جيڪو سانگهڙ کان 40 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي. مير شهداد ٽالپور جو مقبرو بہ سانگهڙ ضلعي جي مشهور شهر "شاهپور چاڪر" ۾ واقع آهي ۽ هن شهر جو نالو شهداد ٽالپور جي پٽ مير چاڪر خان ٽالپور جي نالي تي رکيو ويو هو.

ان کان علاوه ڪيڊٽ ڪاليج جيڪو تعليم جي حساب سان تمام بهتر ۽ سٺو ادارو آهي اُهو پڻ سانگهڙ ضلعي ۾ واقع آهي. سانگهڙ ضلعو زراعت جي حساب سان پوري سنڌ ۾ مشهور آهي، هن ضلعي ۾ ڪڻڪ، ٻاجهر، جوَ، ڪپهہ، ڪمند ۽ ٻي زرعي پيدوار پڻ وڏي تعداد ۾ ٿيندي آهي.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) هميشہ سنڌ حڪومت جي تعاون سان ڀهراڙين مان غربت گهٽائڻ لاءِ ڪم ڪيو آهي. ساڳئي طرح حڪومت سنڌ جي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جي پروگرام جي توسيع جي 6 ضلعن ۾ ضلعو سانگهڙ پڻ شامل آهي. جيڪو هن پروگرام جي حساب سان وڏو ضلعو آهي، غربت جي درجابندي مطابق هن ضلعي ۾ 70 هزار کان وڌيڪ گهراڻا غريب ترين يعني 0 کان 18 جي لڪير ۾ آهن. جيڪو ضلعي جي سمورن گهراڻن جو 35% سيڪڙو ٿئي ٿو. جنهن لاءِ هن



پروگرام تحت سرسو ۽ حڪومت سنڌ عورتن جي تنظيمن سان گڏجي غربت جي لڪير کان هيٺ آيل گهراڻن لاءِ مختلف عنصر شامل ڪري انهن لاءِ پروگرام تشڪيل ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ غربت جي درجي مطابق غريب گهراڻن جي عورتن کي منظم ڪري انهن جون تنظيمون ناهي انهن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪري وسيلن جو بندوبست ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت طرفان امداد، ننڍي پئماني تي بنا وياج قرض، عورتن ۽ مردن جي لاءِ هنري سکيائون، هٿ جي هنر جي مارڪيٽ تائين رسائي جهڙا پروگرام ڏنا ويا آهن. سنڌ حڪومت طرفان ڏنل هي پروگرام شروعاتي طور ٽن سالن لاءِ آهي، جنهن ۾ هيٺ ڏنل سرگرميون شامل آهن.

1. پروگرام ۾ شامل گهراڻا
2. پاڙي سطح جون تنظيمون (عورتن جون)
3. ڳوناٽي سطح جون تنظيمون،
4. يونين ڪائونسل سطح جون تنظيمون
5. 0 کان 11 تائين جي غريب گهراڻن لاءِ امداد
6. ننڍي پئماني تي بنا وياج قرض
7. گهٽ قيمت جا گهر
8. هٿ جي هنر کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سينٽر

ذڪر ڪيل سموريون سرگرميون عورتن جي تنظيمن جي سفارش، انهن جي ڪارڪردگي ۽ غربت جي درجي جي مدَ ۾ ڏنيون وينديون، جنهن ۾ ضلعي انتظاميہ ۽ سرڪاري نمائندگيءَ کي اولين ترجيح ڏني ويندي.

شروعاتي طور تي ضلعي ۾ غربت جي درجابندي جي سروي مڪمل ٿيڻ ۽ عورتن جي پاڙي سطح جي تنظيمن ٺهڻ جو ڪم شروع ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ هتان جي غريب ماڻهن ۾ هڪ هاڪاري اميد پئدا ٿي آهي ۽ انشاءالله مقرر وقت اندر هي پروجيڪٽ پنهنجا ڀرپور نتيجا حاصل ڪري وٺندو.

**

# نو-بالغ ٻارن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ واري پروجيڪٽ جي ڪاميابي

## Improving Adolescent's Lives in Pakistan (IALP)

### (ڪنب ڪان ڪولمبو جو سفر)

ڪنول خاصخيلي
ADO سرسو - خيرپور




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) نہ صرف حڪومت سنڌ پر ملڪي ۽ غيرملڪي ادارن جي سهڪار سان هن وقت سنڌ جي 15 ضلعن جي ٻهراڙين ۾ غربت گهٽائڻ، عورتن جون تنظيمون جوڙڻ، انهن کي منظم ڪرڻ، سنڌن لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ڪري هنري سکيا ڏئي غربت مان ٻاهر ڪيڍڻ ۽ متحرڪ ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، سرسو اندر ڪيترا ئي پروجيڪٽس جنهن ۾ صحت، تعليم، عورتن/ ٻارن جي حقن جا پروگرام پڻ هلي رهيا آهن ۽ ڪي وري پنهنجو مقصد ڪاميابيءَ سان پورا بہ ڪري چڪا آهن، جنهن جا ڪامياب نتيجا پڻ نڪتا آهن.

سرسو UNICEF/IKEA جي سهڪار ۽ RSPN جي شراڪت سان نو عمر ٻارن جي بهتر زندگي بهتر بڻائڻ وارو پروجيڪٽ ضلعي خيرپور ۽ گهوٽڪي جي 44 يونين ڪائونسلن ۾ ڪاميابي سان پورو ڪيو ويو آهي. ان پروجيڪٽ جي مقصد 19-10 سال عمر جي ٻارن کي ذهني جسماني تبديليون، ذهني صلاحيتون وڌائڻ، انهن کي انهن جي بنيادي حقن جي ڄاڻ ڏيڻ ۽ ڊبيل معاشري مان ٻاهر ڪڍي انهن کي پر اعتماد بڻائڻ ۽ تخليقي صلاحيتون وڌائڻ شامل آهن، هن پروجيڪٽ ۾ نو عمر ٻارن جا گروپ ناهي. اتان جي COs, VOs, LSOs جي تعاون سان انهن کي سرگرمين مطابق تربيتون ڪرائڻ، ڇوڪرين / ڇوڪرن جا ڪرڪيٽ مقابلا، ميندي جا مقابلا، اسٽريٽ ٿيٽر، راند روند جا مقابلا، چٽاڀيٽي، نعتن جا مقابلا ۽ ٻين سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ آهي. جنهن کي ايڪشن پلان پڻ چئجي ٿو.



ضلعي خيرپور جي يونين ڪائونسل ۽ ديهہ ڪنب جي ڇوڪرين جي گروپ جي ليڊر ميمونا، هن پروجيڪٽ جو هڪ مثال ٿي اڀري، 17 سالن جي ميمونا جو تعلق هڪ بلوچڪي ذهن رکندڙ قبيلي سان آهي، جيڪو ڇوڪرين جي ٿوري گهڻي پڙهائي يا ٻاهر نڪرڻ کي عيب سمجهندو آهي، پر هي انقلاب آڻيندڙ ميمونا پنهنجي والد ۽ امڙ جي سرپرستي ۾ سرسو طرفان هلندڙ نو عمر ٻارن جي پروجيڪٽ ۾ دلچسپي سان شامل ٿي ۽ هن جي هوشياري ۽ شوق کي ڏسي ٻين ٻارن هن کي اڳواڻ/ليڊر چونڊيو، ميمونا پنهنجي گروپ طرفان

پروجيڪٽ ۾ ٻارن متعلق هلندڙ سيني سرگرمين ۾ وڏي شوق سان حصو ورتو ۽ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ ثابت ڪيو ته ٻهراڙيءَ جي ڇوڪريون ٻين کان گهٽ نه آهن. ميمونا جي مختلف سرگرمين ۾شاندار ڪاميابيءَ جي رپورٽ پڙهڻ ڪانپوءِ UNICEF طرفان ميمونا جو انٽرويو وٺڻ لاءِ هڪ ٽيم ڪنب پهتي ۽ هن کان انٽرويو ورتو ويو، جنهن ۾ ميمونا کان سموري معلومات ورتي وئي. ان انٽرويو ڪانپوءِ يونيسيف (UNICEF) پاران سري لنڪا جي شهر ڪولمبو ۾ نوعمر متعلق مختلف ملڪن ۾ هلندڙ پروجيڪٽ جي ٻارن جي لاءِ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي ۽ ٻارن کي ڪرڪيٽ راند ۾ شامل ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو ته خيرپور ضلعي جي هن پروجيڪٽ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪندڙ ميمونا کي به ان ڪانفرنس ۽ ڪرڪيٽ ۾ شامل ٽيڻ لاءِ نامزد ڪيو ويو. ميمونا ڪنب جي ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ ڇوڪري هوائي جهاز کي صرف آسمان طرف ڏسندڙ ڇوڪري پنهنجي امڙ سان گڏ جهاز ۾ چڙهي سريلنڪا لاءِ سفر ڪيو ۽ اتي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي کهاڻي ٻڌائي ۽ انڊيا جي مشهور ڪرڪيٽر يوگراج سنگهه جي سربراهي ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي گڏيل ڪرڪيٽ ٽيم ۾ حصو پڻ ورتو، جيڪو سنڌ جي ٻهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ هن نياڻيءَ لاءِ اعزاز هيو جيڪا هن وقت خيرپور جي ملالا سڏجي ٿي ۽ ميمونا جي هيءَ ڪامياب سرگرمي يونيسيف (UNICEF) جي آفيشل ويب سائيٽ تي پڻ رکيل آهي.




اهڙي طرح يونيسيف جي سهڪار سان سرسو طرفان هن ڪامياب پروجيڪٽ جو شروعاتي سال ڪامياب نتيجن کي پورو ڪرڻ جي اعزاز ۾ هي پروجيڪٽ وڌيڪ وسيلن سان ساڳئي ضلعن ۾ ٻن سالن لاءِ پڻ وڌايو ويو آهي جيڪو پنهنجين سرگرمين سان جاري آهي. ۽ جنهن جي حدف پوري ٿيڻ تائين پروجيڪٽ جي علائقن ۾ هن عمر جي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن ۾ وڏي تبديلي ايندي ۽ هي تبديل ٿيندڙ نوجوان سرسو جي ٻين هلندڙ پروگرامن ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيندا.

*

# غربت گهٽائڻ جو عالمي ڏينهن

بابر علي جاگيراڻي
ريجنل مانيٽرنگ ايويليئشن آفيسر

17 آڪٽوبر، غربت کي گهٽائڻ جو عالمي ڏينهن طور ملهايو ويندو آهي، دنيا ۾ اجوڪي تاريخ جي مناسبت سان سيمينار، پروگرام گڏجاڻيون ڪونائي اهل علم، سماج تي نظر رکندڙ، جاکوڙيندڙ ۽ انساني حقن لاء ڪم ڪندڙ ماڻهن توڙي تنظيمن ڪان سندن ماهرانہ تجويزون ورتيون وينديون آهن تہ جيئن غربت کي گهٽائي سگهجي، انهيءَ سلسلي ۾ ايل.ايس.او نئين روشني، VO ”رانجهاپور“ يونين ڪائونسل رانجهاپور تعلقو ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ غربت گهٽائڻ جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو. پروگرام ۾ ضلعي جيڪب آباد جي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر محترمہ زهره ڪوسو، وومين ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي پروجيڪٽ آفيسر صائمہ سومرو، وومين ڊپارٽمينٽ جي وڪيل محترمہ شوڪت سومرو، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر محترمہ عبدالقادر دايو، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر آغا مختيار پهوڙ ۽ يو.سي رانجهاپور جي وائيس چيئرمين مانجهي خان پٽي، جڏهن تہ سرسو جي ريجنل مئنيجر منظور جلباڻي، احمد سميجو، بابر جاگيراڻي سميت تنظيمي عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

پروگرام جي شروعات ڳوٺاڻي تنظيم ”خدا بخش ڪنيڙو“ جي چيئرپرسن محترمہ اربيلي خاتون ڪلامِ الاهي سان




ڪئي، ايل.ايس.او نئين روشني جي چيئرپرسن زرينہ خاتون سمورين سي.اوز، وي.اوز ۽ ايل.ايس.اوز ۽ معزز مهمانن کي پليڪار ڪئي. تنهن بعد مهمانن جو تعارف ڪرايو ويو ۽ پروگرام جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ايل.ايس.او نئين روشني جي سموري ڪارڪردگي چيئرپرسن آيل معززين کي ٻڌائي؛ هن چيو تہ ايل.ايس.او جو قيام 22 آگسٽ 2012ع تي ٿيو. ۽ هن وقت ايل.ايس.او ۾ 135 پاڙي سطح جون تنظيمون ۽ 49 ڳوٺاڻي سطح جون تنظيمون شامل آهن. يونين ڪائونسل رانجهاپور ۾ غربت جي درجابندي موجب 927 گهراڻا مستحق آهن، جڏهن تہ

ننڍو قرض وننڌڙن جو تعداد 662 آهي. جڏهن تہ يونين ڪائونسل جي 71 ڳوٺن مان 35 گهراڻن ۾ بطور امداد (IGG) ڏني وئي آهي. جڏهن تہ هنري سکيا ورتل عورتن جو تعداد 206 آهي. اِن ڪان علاوه ايل.ايس.او نئين روشني جي ساٿي عورتن مختلف ادارن سان رابطہ ڪاري ڪري پنهنجي سي.اوز ۽ وي.اوز جي غريب ۽ مستحق ميمبرن جي تمام گهڻي مدد پڻ ڪئي آهي.




ان پوءِ محترم عبدالقادر (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ) ايل.ايس.او نئين روشني جي ميمبرن جو ٿورو مڃيندي چيو تہ آءُ اوهان جو شڪرگذار آهيان جو اوهان مون کي هن پروگرام ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. يقنن سرسو جيڪو يونين ڪائونسل رانجهاپور ۾ ڪم ڪيو آهي اهو واکاڻ جي لائق آهي، سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ڳوٺاڻين عورتن کي منظم ڪيو آهي، جيڪي هيڏي ميڙاڪي ۾ اڄ ڳالهائي رهيون آهن. سرسو ننڍي قرض وسيلي بہ وڏي تبديلي آندي آهي. هي پروگرام خاص طور تي عورتن لاءِ آهي ۽ اهو سچ آهي تہ ٻهراڙيءَ جي عورتن ۾ اها صلاحيت موجود آهي تہ اهي مال مويشي ۽ ننڍي سطح جي ڪاروبار ۾ پئسي جو صحيح استعمال ڪري سگهن ٿيون ۽ ڪري رهيون آهن يقينن اها وڏي ڳالهہ آهي. اڄ غربت جو عالمي ڏينهن آهي اوهان مڙني عورتن جو ڪم حوصلاافزائيءَ جو حامل آهي ڇوتہ اوهان غربت کي گهٽائڻ لاءِ ڪم ڪيو آهي اوهان سڀني کي جَسُ هجي.

آءُ اوهان کي هڪ خوشخبري ٻڌايان تہ ضلعي جيڪب آباد لاءِ صحت ڪارڊ ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي جنهن تحت صحت ڪارڊ وصول ڪندڙ خاندان جو هڪ سال ۾ 3 لکن تائين جو مفت علاج ڪرايو ويندو، في الحال 32 هزار ڪارڊ اسان کي مليا آهن ۽ وڌيڪ صحت جي سهوليت خاطر جيڪب آباد ۾ ”امام سينٽر“ منتخب ڪيو ويو آهي جتي مريضن جو مفت علاج ٿي سگهندو.

محترم آغا مختيار (ميمبر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل) پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ سرسو جو ڪم يو.سي رانجهاپور سميت پوري ضلعي ۾ ساراهہ جوڳو آهي، ڇوتہ هي ادارو صرف ۽ صرف غريبن لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو اڄ جي دور ۾ تمام وڏي ڳالهہ آهي، اداري جي ٽيم کي شاباس هجي جيڪا ضلعي اندر هنن غريب عورتن لاءِ جاکوڙي رهي آهي.

محترمہ آپا زهره ڪوسو (ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ) چيو تہ ايل.ايس.او نئين روشني ضلعي جيڪب آباد ۾ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ کان رجسٽرڊ ٿيل آهي ۽ مون کي خبر آهي هنن ادين وڏي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ تمام گهڻيون ڪاميابيون پڻ ماڻيون آهن. اڄ غربت جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان آءُ ايترو چونديس تہ غربت گهٽائڻ ۾ جيڪا محنت ۽ جاکوڙ هن ايل.ايس.او ڪئي آهي يقنن جلد ئي ڪافي گهراڻا غربت جي ڏٻڻ مان آجا ٿي سگهندا. ۽ هو پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندا. منهنجي دعا آهي تہ شال ٻهراڙيءَ جون عورتون وڌيڪ سوڀ ۽ ڪاميابي ماڻين، منهنجو هرممڪن سهڪار توهان سان گڏ رهندو.




محترمہ صائمہ سومرو (وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ) انهيءَ موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. هن ڊپارٽمينٽ جو ڪم آهي تہ تشدد جو شڪار ٿيندڙ عورتن کي طبي امداد ۽ مفت قانوني مدد پڻ فراهم ڪئي ويندي آهي. جيئن تہ اسان جي معاشري ۾ عورتن تي ڪافي ظلم ۽ ناانصافي ٿي رهي آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن اوهان سان يا اوهان جي اوڙي پاڙي ۽ آس پاس ۾ رهندڙ عورتن تي ڪو جبر ٿي رهيو آهي تہ اوهان اسان جي ڊپارٽمينٽ سان رابطو ڪري سگهو ٿا، توهان کي هرممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي. انهيءَ ڳالهہ کان اوهان کي انهيءَ ڪري آگاهہ ڪري رهي آهيان تہ اوهان جي ايل.ايس.او جو ڪم بہ غريب عورتن سان آهي ۽ اوهان جي اها ڪوشش رهي آهي تہ عورتن جي مدد ڪجي، ۽ اوهان کي ٻڌائيندي هلان تہ قانون موجب 18 سالن کان گهٽ عمر جي ڇوڪرين جي شادي بہ قانونن ڏوهہ آهي، جيڪڏهن اوهان کي ڪا سُڌ پوي ٿي تہ ڪٿي گهٽ عمر جي ڇوڪريءَ جي شاديءَ ٿي رهي آهي تہ اوهان اسان سان رابطو ڪري سگهو ٿيون. ڇوتہ هن ڊپارٽمينٽ اندر قانوني وڪيل پڻ آهن جيڪي اوهان کي مفت قانوني مشورا ۽ هرممڪن مدد فراهم ڪندا.

آخر ۾ منظور جلباڻي آيل معزز مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو تہ هن پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ سرڪاري ۽ غيرسرڪاري عملدارن ۽ ڳوٺاڻين عورتن جو شڪرگذارآهيان جن هن ڏينهن جي مناسبت سان هتي اچي عزت افزائي ڪئي آهي، مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي تہ ڳوٺاڻين عورتن غربت گهٽائڻ جي عالمي ڏينهن تي گڏ ٿي اهو ثابت ڪيو آهي تہ هي غربت گهٽائڻ لاءِ متحد آهن جيڪو سرسو جو پڻ مکيہ مقصد آهي. 2010ع ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام هن ضلعي ۾ شروع ڪيو ويو هو تہ جيئن علائقي ۾ غربت جو خاتمو آڻي سگهجي. ڇوتہ خوشحالي جي راهہ ۾ رڪاوٽ غربت ئي آهي جنهن کي گهٽائڻ لاءِ اوهان پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي منظم ٿي گڏجي ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيون آهيون. تنهن بعد ايل.ايس.او نئين روشني جي اڳواڻ پڻ آيل سمورن مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اهڙي ريت هي پروگرام پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.






# تربيتي ورڪشاپ ۾ ڪمشنر جي ڳالھ ٻولھ

حبيب الله پنھور
ٽريننگ آفيسر
ضلعو قمبر شھداد ڪوٽ.

يورپين يونين جي تعاون سان سنڌ جي ٻن ضلعن لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شھدادڪوٽ ۾ SUCCESS پروگرام تحت هلندڙ سرگرم ڪارڪنن جا يونين ڪائونسل سطح تي مختلف تربيتي ورڪشاپ منعقد ٿيندا رهيا آهن، جنهن ۾ متحرڪ ڪارڪن هڪ ٻئي سان پنهنجا رايا ۽ تجربا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪمن ڪارين ۽ سرگرمين بابت ويچار ونڊيندا رهندا آهن.

هن ورڪشاپ منعقد ڪرائڻ جو هڪ مقصد اهو به آهي ته ٻهراڙين جي منظم تنظيمي عورتن جو سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي نمائندن سان سڌوسنئون رابطو هجي ته جيئن پلائيءَ جي ڪم ۾ درپيش ايندڙ ڏکيائين ۽ مشڪلاتن ۾ جتي به ضرورت پوي ته هو سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي آفيسرن سان ملي پنهنجا مسئلا ٻڌائي سگهن ته جيئن انهن مسئلن جو جلد حل ممڪن ٿي سگهي. ۽ يونين ڪائونسل، ڳوٺ جي بنيادي مسئلن جهڙوڪ: صحت، تعليم ۽ ترقياتي ڪمن جي حاصلات لاءِ مدد فراهم ٿي سگهي. انهيءَ سلسلي ۾ 22 سيپٽمبر 2017 تي يونين ڪائونسل ڏيرا جي ڳوٺ ڏيرا تعلقه ۽ فيلڊ يونٽ نصير آباد ضلعي قمبر شھداد ڪوٽ ۾ هڪ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊويزن محمد عباس بلوچ مهمان  خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته شهمير خان پٺو، ڊپٽي ڪمشنر قمبر شھداد ڪوٽ، سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، سڪسيس پروگرام جو ٽيم ليڊر جمال مصطفیٰ شورو، ضلعي قمبر شھداد ڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي جي ضلعي مئنيجرن، يونين ڪائونسل ڏيرا ۽ چوديرو جي چيئرمين پڻ  شرڪت ڪئي، ان ڪان علاوه ضلعي قمبر شھداد ڪوٽ جي مختلف سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي، ٻنهي ضلعن جي 400 ڪان وڌيڪ تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ميمبرن وڏي تعداد ۾ پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

تلاوت ڪلام پاڪ ڪان پوءِ سڪسيس پروگرام جي ٽيم ليڊر جمال مصطفیٰ شورو پروگرام جا تفصيل ٻڌائيندي چيو ته سرسو ٻنهي ضلعن ۾ هزارين غريب گهراڻن ڪي پاڙي سطح جي تنظيمن، ڳوناٽي تنظيمن ۽ مقامي سهڪاري تنظيمن ۾ منظم ڪري رهيو آهي، ۽ منظم گهراڻن ڪي صحت ڪارڊ، بنا وياج قرض، امداد، هنري سڪيائون ۽ ننڍي پيماني جون ترقياتي اسڪيمون ڏنيون پيون وڃن. تنهن ڪانپوءِ ڪمشنر لاڙڪاڻو غلام عباس بلوچ پنهنجي مختصر تقرير ۾ تنظيمن جي اڳواڻن پاران ڪيل ڪمن ڪي ساراهيو ۽ چيو ته مون ڪي بيحد خوشي محسوس ٿي رهي آهي هنن عورتن ڪي منظم ڏسي، چوته هاڻ هي عورتون پاڻ پنهنجا مسئلا ٻڌائين ٿيون، ڳالهائين ٿيون جَسُ لهڻي سرسو اداري جي ٽيم جنهن هنن عورتن ڪي منظم ڪيو آهي، ڪمشنر لاڙڪاڻي پنهنجي تقرير ۾ ڳالهائيندي چيو ته توهان منظم عورتن ڪي ڪٿي ته پلائيءَ جي ڪم ۾ ڪا ڏکيائي پيش اچي ته، اسين توهان سان گڏ آهيون ۽ هرممڪن توهان جي مدد ڪنداسين.






تنهن بعد مهمان خاص ڪمشنرلاڙڪاڻو محمد عباس بلوچ، ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهداد ڪوٽ شهمير خان پٽو، 17 ڳوٺاڻي تنظيمن کي 6 ملين بنا وياج جي قرض جا چيڪ عورتن کي ڏنا ويا، انهيءَ دوران محترم عباس بلوچ صاحب مختلف عورتن کان قرض جي استعمال بابت معلومات پڻ ورتي ۽ عورتن جي جذبي کي پڻ ساراهيو. وڌيڪ ڳالهائيندي هن چيو ته توهان سڀ پنهنجن ڳوٺن جا بند پيل اسڪول کولرايو ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ پنهنجن ٻارن کي بهتر تعليم ڏياريو تڏهن ئي اسان جي ٻهراڙين مان غربت جو خاتمو ممڪن ٿي سگهندو ڇوته تعليم روشني آهي، تعليم سان شعور آهي.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي تقرير ڪندي چيو ته سرسو هميشه ٻهراڙين جي غريب عورتن لاءِ ڪم ڪيو آهي ۽ ڪندي رهندي، سرسو جو مقصد آهي ٻهراڙي جي عورت کي بااختيار بڻائڻ، ڪين غربت جي ڏٻڻ مان ٻاهر ڪڍڻ، انهيءَ سلسلي ۾ تنظيمون جوڙيون ويندیون آهن ڇوته ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سماجي، سياسي ۽ انتظامي ٽنيا گڏجي ڪم ڪن ته ترقي ٿيندي سڀ تنظيمون تعليم لاءِ اڳتي اچن ڇوته تعليم کان سواءِ ترقي ممڪن ڪونهي.
















ورڪشاپ ۾ مقامي سهڪاري تنظيمن جي اڳواڻن جنهن ۾ مقامي سهڪاري تنظيم (LSO) "سجاڳ" جي صدر رخسانه بروهي، (LSO) "سوڀ" جي صدر وحيده تنيو، (LSO) لاشاري جي جنرل سيڪريٽري پنهنجي پنهنجي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSOs) جي ڪارڪردگي، پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪمن، پنهنجي يونين ڪائونسل جون اهم ضرورتون ۽ مستقبل جي منصوبه سازي کان آگاهه ڪيو.



(LSO) بلندي جي مئنيجر افروز خاتون پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي چيو ته شروع ۾ اسان کي وڏين مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو ڪافي مشڪلاتون پيش آيون، خاص ڪري اسان جي مردن کي اسان جي ڪم کان اعتراض هئا. جيڪو اسان لاءِ هڪ وڏي چئلينج هو. پر اسان همت نه هاري ۽ کين سمجهايوسين ته پنهنجي ڳوٺ جي ڀلائيءَ جو ڪم ڪرڻو آهي، نيڪ ڪم آهي ان ۾ ڪهڙي بُرائي آهي، اسان جي ڪوشش رنگ لاتو ۽ اڄ اسين توهان جي سامهون آهيون.

ڳوٺ جي بنيادي مسئلن کان توهان کي آگاهه به ڪيون ٿا ۽ انهن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت حل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش به ڪيون ٿا توهان جو ساٿ رهيو ته ايندڙ ڪجهه وقت ۾ اسان جا ڪوڙ سارا مسئلا حل ٿي ويندا چوته هاڻ اسين منظم آهيون سرسو- سڪسيس پروگرام جي ٽيم اسان سان گڏ آهي.




ورڪشاپ دوران سلائي ۽ ڦُٽ جي ڪم جا ڪورس پورا ڪندڙ غريب نياڻين کي مهمانن هٿان سرٽيفڪيٽ پڻ ڏياريا ويا.

آخر ۾ سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙوڪمشنر ۽ ڊي سي صاحب جو پروگرام ۾ اچڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ تنظيمي اڳواڻن جا پڻ ٿورا مڃيا.

**

# تعليمي آگاهي مهم جو آغاز

سونيا چاچڙ
ايجوڪيشن ريسورس پرسن

پاڪستان جي آئين جي شق A-25 اِها ضمانت ڏئي ٿي ته ڪو به ٻار غربت "لاچاري يا ٻين سببن جي ڪري پنهنجي تعليمي حقن کان محروم نٿو رهي سگهي"

اهڙا ويچار رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ جي پروگرام مئنيجر حميرا حسين، ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور ضلعن سان لاڳاپيل اسڪولي ٻارڙن، والدين ۽ عملدارن سان ڳالهائيندي ونديا.

سرسو پاران هلندڙ مختلف ڪلسٽر اسڪولن جو دورو ڪري اتي تعليم پرائيندڙ شاگردن، شاگرديائڻين، استادن ۽ والدين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي آئين جي شق A-25 جي اصل روح تي عمل ڪرائڻ لاءِ 11 مهينن جي آگاهي مهم جو آغاز ڪيو ويو آهي. جيڪا جيڪب آباد ۽ ڪشمور - ڪنڌڪوٽ ضلعن جي 16 يونين ڪائونسلن ۾ تعليم جي فروغ جي سلسلي ۾ هڪ باقاعده ڀرپور مهم سرسو جي تعاون سان شروع ڪئي وئي آهي. حميرا حسين جو چوڻ هيو ته هن آگاهي مهم ۾ چونڊيل علائقائي نمائندن سميت والدين ۽ پريس ڪلبن سان لاڳاپيل صحافي ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جا ميمبر تعليمي ادارا ۽ معاشري جا نيڪ مرد شامل هوندا.

مختلف وفدن جي وڏي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي هن چيو ته جيستائين معاشرتي سطح تي ماڻهو پنهنجي ٻارن ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ اڳتي نه ايندا تيستائين تبديلي نه ايندي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسڪول به نهي سگهن ٿا استادن ۽ ٻين عملي جون مقرريون به ٿي سگهن ٿيون. پر، جيستائين والدين ۽ معاشري ۾ تعليم جي حوالي سان شعور نه ايندو تيستائين سندن ٻار اسڪول ۾ نه ويندا. جيڪڏهن ٻارَ اسڪول ويندا به ته پڙهندا ڪو نه ۽ ٻارن جي نه پڙهڻ سان ترقي وارو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو.




هن چيو ته مقامي سطح تي والدين، صحافي، چونڊيل سياسي نمائندن ۽ ڪميونٽيز سان گڏجي والدين کي تعليم جهڙي نعمت سان روشناس ڪرائڻ لاءِ هڪ جامع ۽ مضبوط مهم هلائين ته جيئن ڪو به ٻار تعليم کان محروم نه رهي.

آرٽيڪل A-25 تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ سرسو ۽ ميڊيا سميت سيني شراڪت دارن جي ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڀهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ والدين لاءِ اُنهن جي علائقن ۾ موجود اسڪولن ۾ ڪي به مسئلا آهن ته اُهي پاڻ اڳيرا ۽ طاقتور هجڻ کپن ته جيئن مسئلا حل ڪرائڻ جي صلاحيتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي.

هن 11 مهينن جي آگاهي مهم جو اهوئي مقصد آهي تہ جتي بہ تعليم جي کوٽ يا فقدان هجي تہ اسان سڀئي ان جي حل لاءِ گڏ ٿيون ۽ تعليم جي اهميت ۽ ضرورت کان روشناس ٿيون تہ جيئن والدين جي ڀرپور ترجيح پنهنجي ٻارڙن کي اسڪولن ۾ داخلا وٺي ڏيڻ جي هجڻ گهرجي.

ان کان علاوه اسڪولن ۾ استادن جي حاضريءَ کي يقيني بڻائڻ ۾ بہ والدين جو ڪردار نظر اچي تہ جيئن ٻهراڙي سطح تي تعليم جي نظام ۾ وڌيڪ بهتري اچي سگهي.

نعمت الله شيخ (سينيئر مئنيجر سوشل سيڪٽر سروسز) ڳالهائيندي چيو تہ تعليم جي بهتري لاءِ هرهڪ فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو خاص ڪري سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ سڀني کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ٻارن جي داخلا، بند پيل اسڪولن کي کولائڻ ۽ استادن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ حڪومت سميت سڀني شراڪت دارن کي گڏ ڪٽي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي پئي اچي.

هن چيو تہ سرسو اين.آر.ايس.پي جي تعاون سان ٻن ڏينهن جي تربيت جو آغاز پڻ ڪري رهي آهي. جنهن ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ميمبرن کي ٻن ڏينهن جي تربيت ڏني پئي وڃي جنهن ۾ مقامي چونڊيل نمائندا استاد ۽ والدين پڻ شامل هوندا.

ميمبر ضلعي ڪائونسل جيڪب آباد محسن خان سرڪي ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ سرسو جو ڪردار تعليمي ۽ سماجي حوالي سان ڪنهن کان لِڪيل ڪونہ آهي. تعليمي واڌاري جي حوالي سان اسان سڀئي چونڊيل نمائندا سرسو/اين.آر.ايس.پي سان گڏ آهيون. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليمي حوالي سان ڪافي پنتي پيل آهي. هن چيو تہ سرسو/آر.ايس.پي.اين جي هن پروجيڪٽ سان عوام ۾ سجاڳي پيدا ٿيندي، جنهن سان اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ۾ سولائي پڻ ٿيندي.

ان کان اڳ حميرا حسين، نعمت الله شيخ جي اڳواڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور منور علي منياڻي، چيئرمين ضلعي ڪائونسل نويد احمد گولو، ضلعي آفيسر (ايليمينٽري) شڪور سومرو، ضلعي آفيسر (پرائمري) محمد پريل شيخ ۽ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي نمائندن سان ملاقاتون ڪري پروجيڪٽ جي حوالي سان ضلعي ۾ تعليمي صورتحال بابت پنهنجي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي.

**

# ڪاڇي جي گل بانو جي ڪهاڻي

**نعمت الله ساوند**

مانيٽرنگ ايويليئشن پروفيشنل (PIU-UCBPRP)

تـپـي ڪـنـديـن ڪـوهہ، ڏونـگر ڏڪـويـن ڪي ،
جي تـون پـهـڻ پـپ جا، تہ لڳ منهنجا لـوهہ،
ڪنهنجو ڪونہ ڏوهہ، امر مون سين ايئن ڪيو ! (شاهہ لطيف)

37 سالن جي ڪاڇي واسي گل بانو هڪ شاهہ لطيف جي سورمين وانگي باهمت ۽ محنتي عورت آهي، هن جو تعلق ٺٽي تعلقہ جي جابلو پٽي تي واقع ڳوٺ محمد عرس حاجب سان آهي. هي گهراڻو تمام غريب ۽ 10 گهر ڀاتين تي مشتمل هيو، هي پاڻ ۾ 3 ڀائر ۽ 5 ڀينرون هيون. انهن مان گل بانو 2 نمبر تي هئي. گل بانو جو والد مارڪيٽ ۾ گاهہ ڪپائيندو هو ۽ امڙ گهر جي ڪم ڪار سان گڏ هارپو پڻ ڪندي هئي. هي ڪٽنب هڪ ڪکائين جهوپڙي نما گهر ۾ پنهنجي زندگي گذاري رهيو هو.




هن جابلو پٽيءَ ۾ سرسو پاران تنظيمن جوڙڻ کان پهريان جي زندگيءَ بابت جڏهن گل بانو کان پڇا ڪئي سين تہ هن ٻڌايو تہ هن جابلو پٽيءَ ۾ پهريان ڪو اهڙو ادارو نہ آيو هو ٻيا جي آيا بہ هئا تہ پاڻي وغيره تي تحقيق ڪرڻ، پر ڪنهن بہ اسان غريبن لاءِ ڪم نہ ڪيو غربت سبب اسان جا ڏينهن ڪافي ڏکائيندڙ گذريا آهن جنهن کي بيان نٿو ڪري سگهجي، اسان جي اسرار تي گل بانو پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ۽ چيو تہ جڏهن اسين هڪڙي ڪمري نما ڪکائين جهوپڙي ۾ رهندا هئاسين انهن ڏينهن ۾ اسين غربت سان جڻ تہ هڪ جنگ وڙهي رهيا هئاسين، منهنجي بابا جي ايتري آمدني ڪونہ هوندي هئي جو گهر جو گذرسفر بهتر هلي سگهي، تنهن ڪري منهنجي امڙ بہ هڪ زميندار جي ٻنيءَ تي هارپو ڪندي هئي، امڙ تمام گهڻي محنت ڪندي هئي تہ جيئن اسان کي بہ وقت ماني ڪارائي سگهي، هن پنهنجي مٿان ڪافي تڪليفون سنيون.

مان تہ ائين چونديس تہ منهنجا والدين هڪ مثال هئا، توڙي جو اسان وٽ ريتون ۽ رسمون پنهنجي عروج تي هيون، جتي نياڻين جي تعليم کي عيب سمجهيو ويندو هيو، اُتي منهنجي بابا مون کي تعليم ڏياري، جيڪو هن لاءِ هڪ وڏو چيلينج هيو، اسان جي علائقي ۾ استاد بہ هتان جا رهاڪو نہ هئا، ۽ ڳوناڻا پنهنجي نياڻين کي ڪنهن غيرمرد وٽ تعليم حاصل ڪرڻ جي بلڪل خلاف هئا.

شروعاتي ڏينهن ۾ منهنجو بابا مون کي پاڻ اسڪول ڇڏڻ ايندو هيو، مان بہ پنهنجي محنت جاري رکي ۽ اسڪول ۾ سيني کان سٺن نمبرن سان پاس ٿيندي رهيس، منهنجا والدين بہ منهنجي ذهانت مان خوش هئا، پر پرائمري پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيس. انهن ڏينهن ۾ اسان وٽ ننڍي عمر ۾ شادين جو رواج بہ عام هيو ۽ منهنجا والدين بہ انهيءَ ڳالهہ تي آماده هئا.

مون کي پنهنجو پاڻ تي يقين هيو ڇوتہ منهنجو بابا منهنجي حوصلاافزائي ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ ڏکيا ڏينهن هميشہ لاءِ ڪونہ هوندا آهن، همت ڪڏهن نہ هارجي هڪ نہ هڪ ڏينهن ڪاميابي توهان جا قدم ضرور چمندي، منهنجو بابا ٻين کان ٿورو مختلف هيو.

گل بانو ٻڌايو تہ مان جڏهن 7 سالن جي هئس تہ پنهنجي امڙ کان سلائي ۽ ڪڙهائي جو ڪم سکڻ شروع ڪيو، مان هميشہ پنهنجي خرچيءَ مان ڪجهہ پئسا بچائي رکندي هيس، جڏهن مون وٽ ڪجهہ پئسا جمع ٿيا تہ مون بابا کي چيو تہ مون کي ڪاٺ جا فريم آڻي ڏيو تہ جيئن آءُ ڀرت جو ڪم سکان، اهڙي طرح مون ڀرت جو ڪم بہ پنهنجي امڙ ۽ پاڙي جي سگهڙ عورتن کان سکي ورتم. مون انهن ڏينهن ۾ ڪوشش ڪئي تہ گهر وارن جي ٿوري مدد ڪيان پر ڪامياب ڪونہ پئي ٿيس.

گل بانو ٻڌايو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ ننڍي عمر جي شادين جو رواج عام هيو، جنهن جو نشانو مان بہ ٿيس. منهنجي ماءُ، پيءُ منهنجي شادي 14 سالن جي ننڍي عمر ۾ پنهنجي ئي مائٽ سان ڪرائي ڇڏي. جنهن گهر ۾ مان شادي ڪري پهتس ۽ ڏٺم تہ هي گهراڻو بہ تمام غريب هو ۽ هي ڳوٺ ۾ هارپو ڪندا هئا، سندن جو گذرسفر بہ ڏکيو ٿي رهيو هو.

بحرحال ڏينهن گذرندا رهيا ۽ ائين مون ڪي چار ٻار ڄاوا بہ پٽ ۽ بہ نياڻيون. جيئن تہ مان ٿوري گهڻي پڙهيل لکيل هيس ۽ منهنجي والدين منهنجي بهتر پرورش بہ سني ڪئي هئي هنن هر ڏکي وقت ۾ سدائين منهنجو ساٿ ڏنو هيو، مون بہ پنهنجي اولاد ڪي پڙهائڻ شروع ڪيو، ڳوناٺو ماحول، ريتن رسمن ۽ غربت سبب مان بہ ڌيئرن ڪي پڙهائي ڪونہ سگهيس پر الله جي فضل سان مون پٽن ڪي تعليم ڏياري آهي. منهنجو وڏو پٽ محمد حسين جيڪو 17 سالن جو آهي، هو يارهين (FSC-I) ۾ پڙهي رهيو آهي ۽ ننڍو پٽ مير حسن ٻئي ڪلاس ۾ تعليم پرائي رهيو آهي.

جڏهن سال 2017ع ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) - حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ”يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام“ (UCBPRP) شروع ڪيو ويو ۽ پهرين مرحلي ۾ غربت جي درجا بندي جي سروي (Poverty Scorecard Survey) ڪئي وئي. انهيءَ سروي ۾ اسان جو ڳوٺ بہ شامل هيو. سروي ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن تنظيمن جُڙڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ سرسو جي موبلائيزيشن ٽيم اسان جي ڳوٺ بہ آئي تہ جيئن منصوبي تحت ڪا اڳڀرائي ڪري سگهجي.

گل بانو ٻڌايو تہ ٽيم جڏهن ڳوناڻن ڪي سرسو جي فلسفي ۽ ڪم کان آگاهہ ڪيو ۽ ڪين اهو بہ ٻڌايو تہ اسين صرف عورتن جون تنظيمون جوڙينداسين ۽ عورتن سان ئي گڏجي ڪم ڪنداسين، اهو ٻڌي ڳوناڻن ڪي حيرت لڳي مردن سان گڏ عورتون بہ چوڻ لڳيون تہ اسين اڻ پڙهيل آهيون، ۽ هي آيا آهن اسان مان فائدو وٺڻ ۽ فائدو وٺي ڪري اسان سان ڌوڪو ڪندا ۽ اڳتي هلي هي اسان کان پئسن جي بہ گُهرَ ڪندا ۽ اسان ڪي نڳيندا ۽ اتي وري ڪجهہ ڪجهہ سمجهہ ڀريون عورتون بہ هيون جن سوچيو پئي تہ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ حڪومت سچ ۾ ڪو اهڙو منصوبو جوڙيو هجي جنهن سان اسان جي مدد ۽ سهائتا ٿي سگهي. پهرين گڏجاڻي ۾ تہ اسان ڪي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، ڪجهہ عرصي بعد ٻي گڏجاڻي ٿي ۽ سرسو جي ٽيم آئي تہ ڪجهہ وڌيڪ عورتون ڪنيون ٿيون، ٽيم جي سمجهائڻ ۽ ڪين خاطري ڏيارڻ بعد چيو تہ هي توهان جو پنهنجو ادارو آهي توهان اسان سان ساٿ ڏينڌؤ تہ اسان بہ توهان جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري سگهنداسين، پوءِ 20 عورتن ڪي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي ۽ مستقبل لاءِ منصوبو تيار ڪيو ويو.

ڪجهہ ڏينهن بعد جڏهن سرسو ٽيم ٻيهر اسان جي ڳوٺ ۾ آئي، تہ مون عورتن ڪي گڏ ڪري پنهنجي گهر گڏجاڻي ڪرائي. اُن گڏجاڻيءَ جو مقصد تنظيم جوڙڻ هيو. پوءِ 13 نومبر 2017ع تي تنظيم ”سنڌ“ جي نالي سان جوڙي وئي. ۽ مون ڪي صدر منتخب ڪيو ويو.

گل بانو ٻڌايو تہ اسين هيءَ تنظيم انهيءَ ڪري بہ جوڙي تہ هتان جون اڻ پڙهيل ۽ تمام غريب عورتون آهن، اسان سوچيوسين تہ سرسو- حڪومت سنڌ جي سهڪار سان هنن غريب عورتن جي ٿوري گهڻي مدد ڪري سگهجي ٿي، منهنجي ۽ ساٿي عورتن جي اها ڪوشش هوندي تہ اسان وڌ کان وڌ غريب عورتن جي رهنمائي ۽ مدد ڪيون. هن چيو تہ شروع ۾ جڏهن پهرين تنظيم جڙي تہ گهر گهر وڃي عورتن ڪي سجهائڻ ۽ تنظيم اندر ٿوري گهڻي بچت ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

اسان ڪي گل بانو ٻڌايو تہ: سرسو پاران جڏهن سيني COs جي صدر ۽ مئنيجرن ڪي تربيت (CMST) لاءِ گهرايو جنهن ۾ مان بہ شامل هيس. ٽن ڏينهن جي انهيءَ تربيت ۾ اسان ڪي اهو سيکاريو ويو تہ تنظيم جو انتظام ڪيئن هلائبو آهي، ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلاتون پيش اينديون آهن، انهن ڪي پاڻ ۾ ملي ڪري ڪيئن حل ڪيو ويندو آهي ۽ غربت ڪي گهٽائڻ ۾ ڪهڙا ڪهڙا اپاءَ وٺي سگهجن ٿا.

هن تفصيل ٻڌائيندي چيو تہ تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ مون ڳوٺ ۾ تنظيم جي گڏجاڻي ڪوٺائي ۽ سيني ميمبرن ڪي مليل تربيت کان آگاهہ ڪيو، ۽ انهن ڪي ٻڌايو تہ تنظيمون ئي واحد ذريعو آهن جنهن سبب اسين پاڻ ۾ سڀ عورتون گڏجي پنهنجي مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جي حل لاءِ سوچي سگهون ٿيون، اسان سيني ڪي گڏجي بچت ۽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ وڏي پيماني تي سوچڻ جي بہ ضرورت آهي. هن گڏجاڻي ۾ عورتن جو تعداد پهريان کان ڪجهہ وڌيڪ

هيو، پوءِ اسين گڏيل مشورن ۽ راين سان ڳوٺاڻي تنظيم VO جي قيام لاءِ قرارداد پيش ڪئي سين. سرسو جي سهڪار ۽ رهنمائي سان ڳوٺاڻي تنظيم "سنڌو" بہ جوڙي وئي جنهن جو مون کي مئنيجر چونڊيو ويو. گل بانو هڪ متحرڪ ڪارڪن طور هن تنظيم ۾ پنهنجو ڪردار ادا رهي آهي ۽ ڳوٺ جي عورتن ۾ هيءَ ئي پڙهيل لکيل آهي جيڪا تنظيمن جي رڪارڊ سازي ۾ مدد ڪندي رهي ٿي ۽ سرسو جي فلاسافيءَ کي سمجهي ڪري ٻين عورتن تائين پڻ پهچائيندي رهي ٿي. گل بانو وڌيڪ ٻڌايو تہ: هوءَ گهر گهر وڃي تنظيم جي ميمبرن کي بچت ڪرڻ لاءِ زور ڀريندي آهيان تہ جيئن ڏکئي وقت ۾ اها بچت ڪنهن غريب عورت کي ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي سگهي.

تنظيم ٺهڻ کان ڪجهہ عرصو بعد جو هڪ واقعو ٻڌائيندي هن چيو تہ: منهنجي ڌيءَ کي ويم جي سنپار ٿي ۽ ان وقت مون وٽ پنهنجا پئسو ڪونہ هئا ۽ مان تنظيم جي بچت مان پئسا ڪڍڻ بہ نہ پئي چاهيان. اها خبر جڏهن ساٿي عورتن کي پئي تہ هنن مون تي زور ڀريو ۽ چيو تہ تون ئي تہ چوندي آهين تہ بچت ڪريو تہ جيئن ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي، هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏکيو وقت ٿيندو آهي، تون تنظيم جي بچت مان پنهنجي ڌيءَ جو ويم ڪراءِ، تنهن ڪانپوءِ هنن تنظيم جي بچت مان مون کي -/3,000 ڏنا ۽ مون پنهنجي ڌيءَ جو ويم ڪرايو، انهيءَ دوران ڊاڪٽرن چيو تہ هن کي خُون جي ضرورت آهي، اها سُڌ جڏهن تنظيمي عورتن کي پئي تہ سڀئي اچي اسپتال پهتيون ۽ ٽيسٽ ڪرائڻ ڪانپوءِ خون بہ ڏنو ۽ منهنجي ڌيءَ کي پٽ ڄائو انهيءَ دوران سڀئي تنظيمي عورتون اسپتال ۾ مون سان گڏ هيون، مون کي تہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ ڀيريان تہ ڪڏهن ايئن ناهي ٿيو سچ چوندا آهن تہ ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي. پوءِ مون اهي پئسا هڪ مهيني بعد واپس جمع ڪيا، مون سڀني ساٿي عورتن جا ٿورا مڃيا ۽ اسين سڀني اهو پڪو پهُہ ڪيوسين تہ هر ضرورت مند غريب عورت جي پنهنجي مدد پاڻ تحت مدد ڪنديون سين.

گل بانو ٻڌايو تہ: جڏهن سرسو هنري تربيت جو مرڪز ڳوٺ جي غريب نياڻين لاءِ کولڻ جو ارادو ڪيو ۽ مون اطلاع ڏنو ويو تہ اسان کي هنري مرڪز ۾ هڪ ماسٽر ٽرينر جي ضرورت آهي، جيڪا هنر سيکاري سگهي، مون ان ۾ امتحان ڏنو ۽ پاس ٿيس، هن وقت مان هن سينٽر ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ سرسو سان گڏ ڪم ڪيان پئي، ۽ مون کي ان جو معاوضو بہ ڏنو ويندو آهي.گل بانو ٻڌايو تہ هتي تعليم جو رجحان هونءِ ئي گهٽ آهي، وري مٿان سرڪاري اسڪولن ۾ استاد سدائين غيرحاضر اسين تنظيمي عورتن پاڻ ۾ ملي ڪري استادن سان ڳالهايوسين تہ توهان اسان جي ٻارن جو مستقبل تباهہ نہ ڪريو ڪين بهتر تعليم ڏيو. جيڪڏهن توهان اسڪول ۾ چڱي طرح ٻارن کي نہ پڙهايو تہ اسين توهان خلاف مٿي شڪايت ڪنديون سين، اسين سادا ماڻهو ڀهريان تہ اسان کي ڪائي خبر نہ هوندي هئي، سرسو جي ٽيم اسان کي ايڪي ٻڌيءَ، بچت ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت گڏجي ڪم ڪرڻ جا رستا ٻڌايا ۽ اسان جي هروقت رهنمائي پڻ ڪئي آهي نہ تہ اسان جي هتي ڪير ٻڌي ٿو.

گل بانو چيو تہ اسان کي هاڻ خبر پئي آهي تہ هي ادارو مردن جي هن معاشري ۾ صرف اسان عورتن لاءِ ئي ڪم ڪري رهيو آهي، اسان کي بہ گهرجي تہ اسين پاڻ ۾ گڏجي پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ متحد ٿيون ۽ پنهنجي خاندان جي ترقيءَ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيون، الله پاڪ جڏهن اسان کي هڪ موقعو ڏنو آهي تہ پوءِ چونہ ان مان فائدو وٺون ۽ مردن کي بہ گهرجي تہ هو اسان جي حوصلاافزائي ڪن تہ جيئن اسين پنهنجي ڳوٺ جي غريب عورتن ۽ ڳوٺ جي ترقيءَ لاءِ بهتر سولائيءَ سان ڪم ڪري سگهون.

**

# سرسو جو عمر ڪوٽ ڏانهن سفر



احمد خان سومرو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو عمرڪوٽ

ڪشمور ڪان سفر ڪندي جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي امر تاريخي ڪردار مارئيءَ جي ديس ۾ پهتي ۽ عمر ڪوٽ جي غريب ماروئڙن جي اهنجن کي ٽيڪنيڪل طريقي سان معلوم ڪرڻ لاءِ غربت جي اسڪور ڪارڊ ذريعي سروي جو آغاز ڪيو ۽ ڏٺو ته مارئيءَ جي هن ديس جا ماروئڙا ته ڏاڍا غريب آهن.

ڀٽائيءَ جي سُورمين ۾ سُورمي مارئي به آهي جنهن تي سُر ماروي لکيل آهي. مارئي جو ديس عمرڪوٽ جي نالي سان سُڃاتو وڃي ٿو. هتان جي غريب ۽ مسڪين مارو‏ئڙن لاءِ سرسو ۽ حڪومت سنڌ هڪ انقلابي پروگرام شروع ڪيو آهي، جنهن جو مقصد صرف ۽ صرف ماروين (عورتن) جي همت کي وڌائڻ، ڪين گهر ناهڻ ۾ مدد ۽ رهنمائي ڪرڻ، هنري سکيا ڏيڻ، ننڍن ڪاروبارن لاءِ بغير وياج جا قرض ۽ مدد مهيا ڪري باعزت روزگار ۽ نئون جياپو ڏيارڻ ۽ ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهڻ لاءِ "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام" (UCBPRP) جولاءِ 2017ع کان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) حڪومت سنڌ جي مالي سهائتا سان عمرڪوٽ جي ٽن تعلقن سامارو، ڪنري ۽ عمرڪوٽ ۾ هڪ نئين عزم سان شروعات ڪئي آهي.

پهرين مرحلي ۾ عمرڪوٽ جي ٽن تعلقن جي 35 يونين ڪائونسلن ۾ هڪ لک چوٽيهه هزار پنج سئو يارنهن (134,511) گهراڻن جي غربت جي درجابندي (PSC) ڪئي وئي، جنهن ۾ (0-11) جي درجابندي ۾ 20,513 گهراڻا غربت جي لڪير کان هيٺئين سطح تي زندگي گذاري رهيا آهن، 12-18 جي اسڪور ۾ 28,710 گهراڻا، 19-23 اسڪور مطابق 22,840 گهراڻا ۽ 39,871 گهراڻا جيڪي 24-100 جي اسڪور ۾ آهن.

غربت جي هن درجا بندي ۾ ڏٺو وڃي ته عمرڪوٽ ۾ غربت گهٽي آهي ۽ جڏهن ته هي ضلعو پنهنجي هڪ الڳ ۽ منفرد حيثيت رکي ٿو. جتي نه مذهب، نه زبان، نه اميري، نه پيري جو تفرق آهي. پر هتي انسانيت جي بنياد تي هندو، مسلمان، دليت قومون هڪ ٻئي سان گڏ خوشي ۽ غمي ۾ گڏ هونديون آهن. هن ضلعي جو گهڻو علائقو ٿر ۽ ريگستاني آهي، باقي ٻئراج وارو حصو ايشيا کنڊ جي وڏي ۾ وڏي مرچ منڊي آهي، جيڪو ڪنري تعلقي ۾ موجود آهي ۽ سنڌ ۾ هتي مرچن جو فصل تمام گهڻو هن شهر ۾ ٿيندو آهي ۽ هن ضلعي جي هڪ سرحد انڊيا سان به لڳي ٿي. سرسو جي مشاهدي ۽ غربت جي درجابندي کي نظر ۾ رکندي هن ضلعي جي ٽن تعلقن جي 35 يونين ڪائونسلن ۾ سماجي تحرڪ ذريعي تنظيمن جوڙي، تربيتون ڏيارڻ جي شروعات ڪئي وئي آهي.

مستحق تنظيمي عورتن کي پاڙي ۽ ڳوناٽي سطح تي ٽن ڏينهن جا تربيتي پروگرام (CMST) جو سلسلو پڻ جاري آهي، تربيتن ذريعي ڪين اها بخوبي آگاهي ڏني پئي وڃي ته غربت ڇا آهي ۽ ان کي ڪيئن گهٽائي سگهجي ٿو؟

گڏوگڏ ڳوٺاڻين تنظيمن جي اڳواڻ عورتن جي رهنمائي ۽ ڀلائي لاءِ اجلاس ڪوٺائي انهن کي صحت صفائي ۽ محلي سطح جي مسئلن کي سامهون رکي انهن جو ڳوٺاڻي سطح تي حل ڪرڻ لاءِ ميمبرن کان ئي قيمتي راءِ ورتي ويندي آهي تہ جيئن اهو معلوم ٿي سگهي تہ مسئلو ڪٿي آهي ۽ ان جو حل ڇا آهي؟ ۽ پوءِ ان جي حل ۽ رهنمائي لاءِ حڪومتي عملدرآمد جي انتظامي سطح تي ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر ضلعي جي چونڊيل نمائندن، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، ضلعي لوڪل گورنمينٽ سان تعارفي گڏجاڻيون پروگرام منعقد ڪري، سرسو جي ڪم ڪار ۽ طريقي بابت ٻڌايو ويندو آهي تہ جيئن گورنمينٽ جي نمائندن سان گڏجي ڳوٺاڻي ۽ گهريلو سطح تي مسئلي کي حل ڪندي غربت ۾ گهٽائي آڻي سگهجي.





هن وقت پروگرام هيٺ سماجي تحرڪ جو شعبو عمرڪوٽ جي چار يونين ڪائونسلن ۾ تنظيمي جار وڇائڻ ۾ عمل پيرا آهي. سرسو جون ٽيمون ڳوٺ ڳوٺ ۽ گهر گهر وڃي غربت جي ٽيل سروي مطابق انهن کي منظم ڪري رهيون آهن ۽ انهن کي هرطرح سان موبلائيز ڪري تنظيمي مالها ۾ مڙهيو پيو وڃي تہ جيئن هي غريب ٽر واسي اڳتي هلي منظم ٿي بچت ڪري پنهنجي غربت کي گهٽ ڪري سگهن. انهيءَ ئي حوالي سان عمرڪوٽ ۾ هنري سکيا جو مرڪز پڻ قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو پهرين مرحلي ۾ ڳوٺ وليداد پلي ۾ کوليو ويو آهي، جتي غريب عورتن کي هٿ جي هنر جي سکيا ڏني ويندي ۽ ڪين هنر ذريعي سيکاريو ويندو تہ وڏن مارڪيٽن ۾ ڪهڙي قسم جي شين جو ملهہ آهي جيڪي هو تيار ڪري پنهنجي گهر جي آمدني وڌائين ۽ هڪ ذريعو بڻجي ڪري پنهنجي غربت کي گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

سرسو ۽ سنڌ حڪومت جيڪو هن تاريخ ضلعي ۾ اهڙو پروگرام ڪٽي آئي آهي جنهن سان هن ضلعي جون مارويون (عورتون) بااختيار ٿي معاشي طور تي مستحڪم ٿي پنهنجي گهر، ڳوٺ، علائقي ۽ ضلعي کي بهتر بڻائينديون.

هاڻ ڏسڻو اهو آهي تہ هڪ ڏينهن سڀ عورتون گڏجي تنظيمي مالها ۾ مڙهجي، اتحاد ڪري سنڌ حڪومت ۽ وزير اعليٰ کي اهي پاڻ ٻڌائين تہ هي پروگرام تمام بهترين پروگرام آهي، هن پروگرام سان اسان ۾ شعور آيو آهي ۽ اسان جي گهرن مان غربت گهٽي آهي ۽ اسان پنهنجي ٻارن جي کاڌ خوراڪ، پنهنجي گهر ۽ صحت جو خيال رکي سگهون ٿيون. ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن اهي عورتون ملي ڪري هڪ آواز ٿي چون تہ اهڙا پروگرام سڄيءَ سنڌ ۾ هلڻ گهرجن ۽ ڊگهي عرصي تائين هلڻ گهرجي تہ جيئن هر گهر مان غربت کي گهٽائي سگهجي.

**

# غربت گھٽائڻ واري پروگرام مان فائدو وٺندڙ برجُو

خادم حسين شر
ڊسٽرڪٽ مئنيجر- سرسو سانگھڙ

سرسو- حڪومت سنڌ جي مالي سھڪار سان سال 2017ع ۾ سنڌ جي 6 ضلعن ۾ غربت گھٽائڻ بابت ٽن سالن جو هڪ پروجيڪٽ ”يونين ڪائونسل سطح تي غربت گھٽايو پروگرام“ (UCBPRP) شروع ڪيو آهي، جنھن ۾ گھرن جي تعمير، هنري سکيا، بنا وياج قرض، ننڍا ڪاروبار صحت، تعليم ۽ ٻيون شيون شامل آهن.

| | | |
|---|---|---|
| نالو | : | برجو |
| مڙس جو نالو | : | راڻو |
| ڳوٺ جو نالو | : | ايدن سنگھ واهيون دڙو |
| تعلقه | : | کپرو |
| ضلعو | : | سانگھڙ |
| CO جو نالو | : | جئي ماتا |
| VO جو نالو | : | جيئي سنڌ |
| تنظيم بچت | : | 8,000/- |

سرسو جو ان ڳالھ تي پختو يقين آهي تہ پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي تنظيم سازي، لوڪل سپورٽ آرگنائزيشنز جوڙي غربت جو خاتمو آڻي سگھجي ٿو. انھيءَ حوالي سان سنڌ جي 6 ضلعن عمرڪوٽ، سانگھڙ، ميرپورخاص، خيرپور، بدين ۽ ٺٽي ۾ هن پروگرام تي عمل درآمد ٿي رهيو آهي، ڇو تہ غربت جي خاتمي لاءِ اسان کي صرف مڇي مارڻ جو سامان ناهي ڏيڻو پر مڇي مارڻ جو هنر، طريقو ۽ مارڪيٽ بابت آگاهي ۽ سکيا ڏيڻ جي پڻ ضرورت آهي ۽ بنا ڪنھن ذات پات ۽ مذهبي تفاوت جي عملي طور تي هر شيءِ ڪري ڏيکارڻ جو پليٽ فارم جوڙڻو پوندو. انھيءَ حوالي سان ضلعي سانگھڙ سان تعلق رکندڙ برجو سان جڏهن ڳالھ ٻولھ ٿي تہ هن پنھنجي مختصر ڪھاڻي ٻڌائي جيڪا اوهان آڏو پيش ڪجي ٿي:



”منھنجو نالو برجو آهي. مان ڳوٺ ايدن سنگھ واهيون دڙو جي رهواسڻ آهيان، اسان جو گھراڻو تمام غريب آهي، غربت ڄڻ تہ اسان کي ورثي ۾ ملي هجي. اسين پاڻ ۾ ست ڀينر ڀائر هئاسين ۽ مان پنجين نمبر تي هيس. منھنجا ماءُ پيءُ ٻنين ۾ مزدوري ڪندا هئا ۽ اسان جي گذرسفر جو واحد ذريعو بہ مزدوري ئي هو. مان جڏهن 16 سالن جي ٿيس تہ منھنجي شادي پنھنجي ذات واري نالي ’راڻي‘ سان ڪرائي وئي، جيڪو گڏھ گاڏو هلائيندو هو. شادي بعد وقت گذرندو رهيو ۽ مون کي پنجن ٻارن جي اولاد ٿي. غربت سبب ڪنھن ڊاڪٽرياڻي جي علاج معالجي کان بغير ئي ٻارن کي جنم ڏنو. هڪ ڏينھن سرسو جي ٽيم غربت جي درجا بندي (PSC) ڪندي اسان جي ڳوٺ پھتي ۽ اسان گھڻ سمجھي ويندڙ ذات وارن ماڻھن کي بہ پنھنجي منصوبي بابت مڪمل ڄاڻ ڏني.

پھريون ڀيرو اسان جي ڳوٺ، سرسو جي ٽيم آئي هئي، پھريان تہ اسان ڊڄي وياسين تہ هي اسان غريبن وٽ الائي ڇو آيا آهن، ڪٿي اسان کي ڌوڪو تہ نہ ڏيندا، ڇوتہ ان کان پھريان تہ اسان وٽ ڪوئي نہ آيو هو. پوءِ ڪجھ ڏينھن بعد ٽيم ٻيھر اسان جي ڳوٺ آئي ۽ پاڙي سطح جي تنظيم ”جئي ماتا“ جوڙي وئي. هن کان اڳ اسان ايڪتا

جي اهميت بابت اڻڄاڻ هئاسين، بچت وسيلي پاڻ پرو ٿيڻ ۽ ڳوٺ جي ترقي، ٻارن جي نشونما ۽ غذائيت، انهن جي وقت سر طبي چڪاس ۽ حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ انهن سڀني جي ڄڻ اسان کي ڪا سُڌ ئي نه هوندي هئي.

سرسو پاران جوڙيل تنظيم جي گڏجاڻين ۾ مون اهو سکيو ته بچت سان نه صرف ٻارن کي تعليم ڏياري سگهجي ٿي، بلڪ هر ڏکئي وقت ۾ توڙي ويم جهڙن ڏکين معاملن کي آساني سان منهن ڏئي سگهجي ٿو.

مان هڪ قدم به پوئتي نه هٽيس ۽ تنظيم جي ميمبر ٿيس، اسين سرسو جي ٽيم تي اعتماد ڪيو ۽ گڏجاڻين ۾ شامل ٿيندا رهياسين، مان تنظيم "جئي ماتا" جي صدر طور چوندجي ويس تنهن بعد تنظيمي سطح جي تربيت (CMST) ۾ شريڪ ٿيس، واپس اچي تنظيم کي اڳتي وڌايو ۽ ٿوري عرصي بعد ڳوٺ سطح تي تنظيم جوڙي، جنهن جو نالو "جيئي سنڌ" رکيو. جڏهن اسان جي دلچسپي، گڏجاڻي ۾ شرڪت ۽ غربت کي ڏٺو ته سرسو جي ٽيم بغير وياج قرض (CIF) بابت آگاهي ڏني ته مون کي سرهائي ٿي ۽ مون به پنهنجي مڙس سان صلاح ڪري بغير وياج جي قرض لاءِ اداري جي پاليسي مطابق ڳوٺ ۾ ننڍڙي دڪان کولڻ لاءِ قرض جي درخواست ڏني، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون کي -/15,000 هزارن جو قرض مليو.

برجوءَ ٻڌايو ته: هن وٽ پنهنجي محنت جا ڪجهه پئسا جمع ٿيل هئا، اُهي ملائي ڪري هُن پنهنجي مڙس کي ڏنا، جيڪو شهر مان گهر ۾ استعمال ٿيندڙ روزمره جون شيون -/20,000 جون خريد ڪري آيو ۽ هاڻي هُو اهي شيون گڏهه گاڏي تي رکي ڳوٺ ڳوٺ وڪرو ڪندو آهي. انهيءَ ڪاروبار شروع ڪرڻ سان سندن جي روز جي آمدني 150-100 کان وڌي 400-300 تي پهتي آهي. برجو چيو ته هاڻ آهستي آهستي اسان جو گذرسفر بهتر ٿيڻ لڳو آهي.

هن وڌيڪ ٻڌايو ته تنظيم جي ساٿي عورتن جي به اسان وقت سر مدد ڪنديون رهنديون آهيون. تازو ئي هڪ تنظيم جي ميمبر جي ڌيءَ کي ويم لاءِ ڪجهه پئسا گهربل هئا، هن اسان کي درخواست ڪئي ۽ اسان هن کي -/4000 هزار تنظيم جي بچت مان ڏناسين، جيڪي هن بعد ۾ اسان کي واپس ڪيا. تنظيمي سلسلي کان پوءِ اداري اسان جي ڳوٺ جي عورتن کي هنري تربيتون پڻ ڪرايون آهن. جيڪي عورتن پهريان ٿورو ٿورو سڪيل هيون، تربيت کان پوءِ گهريلو استعمال جو سامان بهتر نموني ٺاهي رهيون آهن.

هن چيو ته اسان ننڍي ذات جي غريب ماڻهن لاءِ هي ادارو ڏاڍو سٺو آهي، اداري جي ٽيم اسان کي بهتر طريقي سان سمجهايو آهي ۽ هڪ پنهنجائپ جو احساس پڻ ڏياريو آهي. اهڙا ماڻهو تمام ٿورا هوندا آهن جيڪي ٻين لاءِ ڪم ڪندا آهن، سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي تنظيمي مالها ۾ جوڙڻ ۽ وقت سر رهنمائي ڪرڻ تي اسان بيحد شڪرگذار آهيون، اسان مسڪين ماڻهو جيڪي اڳ ئي مسڪيني حال ۾ آهيون، اسان کي اميد آهي هي ادارو اسان جي هر موڙ تي مدد ۽ رهنمائي ڪندو رهندو.

*



# ادي زاهده: هڪ مثالي ڳوٺاڻي رضاڪار

**محمد طاهر ساريو**
فيلڊ يونٽ انچارج
سڪسيس پروگرام - رتوديرو

بين الاقوامي اداري يورپين يونين جي مالي تعاون ۽ سرسو جي سهڪار سان لاڙڪاڻي ۽ قمبر- شهدادڪوٽ ۾ ڇهن سالن جو غربت گهٽائڻ جو هڪ پروگرام "سڪسيس" (SUCCESS) جي نالي سان شروع ڪيو ويو آهي. هن پروگرام کي شروع ڪرڻ جو مقصد ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب عورتن کي پنهنجي مدد پاڻ جي مصداق تحت منظم ڪندي انهن ۾ لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ڪري ڪين تربيتن ۽ ٻين سرگرمين ذريعي پاڻ پرو ڪرڻ آهي ته جيئن اهي عورتون هنر سکي پنهنجي مدد پاڻ تحت غربت جي چنبي مان پنهنجي جان آجي ڪري سگهن.

سرسو ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتن کي سگهارو ۽ پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهي. اِهي عورتون منظم ٿي پنهنجي ڳوٺن جي ترقيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي، پنهنجي حقن کي سڃاڻيندي ۽ هڪ عزت ڀري زندگي گذارڻ جو لاءِ جاکوڙ ڪن ٿيون. انهيءَ سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ۽ قمبر- شهدادڪوٽ ضلعن ۾ تنظيم جوڙڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ۽ هن وقت تائين 8,248 عورتن جون تنظيمون پڻ جڙي چڪيون آهن ۽ انهن تنظيمن جي عهديدار عورتن کي مختلف تربيتون پڻ ڏنيون ويون آهن.

جنهن مان "ڳوٺ گابر" تنظيم پڻ آهي. تنظيمن ۾ شامل ڪجهه ميمبر اهڙا به هوندا آهن جن جو خواب هوندو آهي ته هو پنهنجي ڳوٺ لاءِ ڪجهه پلو ڪن. پر انهن جي اڳيان ڪافي ساريون رڪاوٽون رکيون وينديون آهن جنهن کي منهن ڏيڻ ڪو سولو ڪم به نه هوندو آهي، اهڙي ئي قسم جي صورتحال ڳوٺ گابر ويسر يونين ڪائونسل طيب تعلقو رتوديرو ۾ مسمات زاهده کي پيش آئي. هن کي پهريان ته ڪافي مشڪلاتون پيش آيون. پر سڪيس ٽيم جي موبلائيزيشن ۽ همٿائڻ کان پوءِ هن پنهنجي جستجو ۽ جاکوڙ کي جاري رکيو ۽ نيٺ ڪامياب ٿي.

هڪ ڏينهن ڳوٺ گابر جي ڳوٺاڻي ترقياتي منصوبي (وي ڊي پي) پلان تيار ڪرڻ لاءِ متحرڪ ۽ محنتي ڪارڪن زاهده جي سربراهي هيٺ ڳوٺ ۾ پروگرام منعقد ڪيو ويو، جتي پاڙي وارين تنظيمن جي نمائندن/ متحرڪ ڪارڪنن تنظيمن جي صدرز ۽ مئنيجرن شرڪت ڪئي. ڳوٺاڻي ترقياتي منصوبي جي تياريءَ مهل ڳوٺ جي معزز ماڻهن ۽ سماجي ڪارڪنن پڻ گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪئي. منصوبي جي مڪمل تياري کان پوءِ سرسو جي فيلڊ انجنيئر پيئڻ جي صاف پاڻيءِ لاءِ نلڪا هڻي ڏيڻ لاءِ ڳوٺ ۾ ڪجهه جڳهن تي زمين چڪاسڻ لاءِ ڳوٺاڻي رضاڪار زاهده سان سروي پئي ڪئي ته جيئن وڌ کان وڌ گهرن تائين صاف ۽ پيئڻ جي مني پاڻي جي رسائيءَ کي يقيني بڻائي سگهجي.

ان دوران ڳوٺ جي هڪ ماڻهوءَ زاهده کي چيو ته ڪيس هڪ نلڪو هڻائي ڏي، جڏهن زاهده هن کان معلوم ڪيو ته نلڪو ڪٿي لڳندو، ان تي فيلڊ انجنيئر ۽ زاهده کي هڪ اهڙي جاءِ ڏيکاري وئي جتي نلڪو هڻڻ ضروري نه هو. ان تي زاهده ڪيس سمجهائيندي چيو ته اسان ڳوٺ جي وڌ کان وڌ گهرن تائين صاف پاڻي پيئڻ لاءِ ڪوشش ون ني رهيا آهيون، ڳوٺ اندر اڳ ۾ ئي صاف پاڻي جي ڏاڍي تڪليف آهي. ان ڪري هتي نلڪي جي ڪابه ضرورت نه

آهي، تنهن تي ان شخص زاهده سان ڪافي بحث ڪيو ۽ بعد ۾ ڪيس ڌمڪائڻ شروع ڪيو ۽ هن جي ڪردار تي پڻ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

هن زاهده کي غريب عورت سمجهي ان تي ننڍوليون ڪيون ۽ ڌمڪايو ته آئينده هوءَ ڳوٺ کان ٻاهر نه وڃي نه ته نتيجا خراب نڪرندا. زاهده هڪ غريب ۽ يتيم ڳوناٺي ڇوڪري آهي، جڏهن ته سندس پاءُ به روزگار سانگي اڪثر ڳوٺ کان ٻاهر رهي ٿو، تنهن ڪري زاهده جي مٿان هڪ سازش تحت ڳوٺ جي ڪجھ ماڻهن الزام تراشين جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا. انهيءَ سموري صورتحال کان پوءِ زاهده هڪ ڏينهن سرسو ٽيم سان گڏجي پنهنجي ڪم کي وڌيڪ جاري رکڻ کان نابري وارڻ جو نياپو موڪليو، جنهن تي سرسو جي سوشل موبلائيزيشن ٽيم زاهده سان گڏجي سندس ڳوٺ ۾ وڃي ملي ۽ کيس سمجهايو ۽ همت ڏياري.

انهيءَ سموري معاملي جي خبر جڏهن ڳوٺ جي هڪ معزز ۽ سماجي سوچ رکندڙ ۽ ڳوٺ جي چڱي مڙس جبار خان تائين پهتي ته هن کي ڪافي برو لڳو ۽ هن هڪدم ڳوٺ ۾ هڪ جاءِ تي ڳوناٺي تنظيم جي رضاڪار زاهده ۽ ڳوٺ لاءِ ڪم ڪرڻ تي اعتراض وارينڌڙن کي گهرايو. جنهن ۾ مسمات رشيده جيڪا پوليو مهم جي ورڪر پڻ آهي کي به سڏرايو. سڀ کان پهريان ڳوٺ جي ڀلائيءَ جي ڪم کان اعتراض ڪندڙن سان ڳالهايو ۽ کين چيو ته مون کي خبر آهي ته هي سڀ ڪجھ اسان جي ڳوٺ جي ڀلائي لاءِ ٿي رهيو آهي. تنهن کان پوءِ ڳوٺ جي چڱي مڙس جبار خان جي چوڻ تي، زاهده ڳوناٺي تنظيم ۽ سڪسيس- سرسو جو سمورو پروگرام کين سمجهايو. زاهده همت کان ڪم وٺندي جيڪا همت ۽ حوصلو سرسو جي تربيتن اندر هن کي ڏنو ويو هو. هن سڪسيس پروگرام جو مڪمل تعارف ڪرايو ۽ ڀاڱي ڀائيواريءَ جي اصولن تحت سرسو کان ملندڙ سهڪار جو به کين تفصيل سان ٻڌايو، مسمات زهده اهو به کين ٻڌايو ته ڳوناٺي تنظيم ۾ شامل 18 انتهائي غريب گهراڻن کي صحت ڪارڊ پڻ ونرائي ڏنا آهن. ۽ هن ڳوٺ لاءِ پنهنجي ذميداريون ۽ ڪم کان به سيني کي آگاهه ڪيو. ۽ کين چيو ته اهي سمورا ڪم صرف ڳوٺ جي ڀلائيءَ لاءِ ئي آهن نه ڪي منهنجي ذاتي مفاد خاطر. چاچي جبار جي مدد سان زاهده پنهنجو سمورو مؤقف واضح بيان ڪيو جيڪو صرف ۽ صرف ڳوٺ جي ڀلائيءَ ڪرڻ کان سواءِ ڪجھ به نه هو. ان ڏينهن زاهده جڻ پنهنجن زخمن تي مرهم لڳندي محسوس ڪئي، جڏهن اعتراض ڪندڙ ڳوناٺن پنهنجي ڪئي تي شرمنده ٿي زاهده کان معافي ورتي ۽ آئينده مڪمل سهڪار جو به يقين ڏياريو.

سچ چوندا آهن ته دنيا ۾ فساد جي جَڙ غلط بياني ڪرڻ هوندي آهي ۽ ان جي ختم ٿيڻ سان ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويندا آهن. سچي نيت سان ڪم ڪندڙ ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪرڻ وارن جو خدا به مددگار هوندو آهي، ڳوناٺي متحرڪ ۽ فعال ڪارڪن زاهده به پنهنجي مدد پاڻ جي اصول هيٺ ڳوناٺن تائين پنهنجو موقف پهچائڻ پئي چاهيو ته هڪ محسن جي ذريعي الله پاڪ زاهده سان مددگار ٿيو.

سڪسيس - سرسو جي سمورين ڪوشش جو اصل مقصد به اهو ئي آهي ته سنڌ جي ڳوٺن ۾ رهندڙ مارو ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تحت منظم ٿي تنظيمي شڪل ۾ پنهنجي زندگيءَ جي معيار کي بهتر ڪرڻ لاءِ قدمَ وڌائن.

**

# سُکي زندگيءَ لاءِ کنيل هڪ قدم: اميران بيگم

زاهد علي شيخ
پروگرام آفيسر ايم.اي.آر

ضلعو : نوشهروفيروز
تعلقو : مورو
ڳوناٺي تنظيم : هوت خان ڀهراٽي

اسان جي معاشري ۾ هڪ عورت لاءِ سندس راهه ۾ بي انت رڪاوٽون، وک وک تي رنڊڪون، رستا روڪ ۽ مسئلا سامهون اچن ٿا، ان باوجود به جيڪڏهن هوءَ همت سان انهن سڀني رڪاوٽن کي منهن ڏئي اڳتي وڌي ٿي ۽ پنهنجي پاند ۾ سنايون، چڱا ڳُڻ ڪنا ڪري ٿي ۽ پنهنجي اولاد کي سنو مستقبل ڏيارڻ ۽ گهر جو چرخو هلائڻ لاءِ ڪوششون ڪري ٿي ته اها وڏي ڪاميابي چئبي.

اهڙي ئي هڪ ڪوشش ڪندڙ ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ هوت خان ڀهراٽي جي هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ مسمات اميران بيگم به آهي. اميران بيگم کي 6 ٻارن جي اولاد آهي جنهن جي ذميواري ڪيس جهوري وڌو، خاص ڪري جڏهن سندس مڙس ڳوٺ کان ڏور ڪراچي ۾ مزدوري خاطر هليو ويو. مهيني جي آخر ۾ جڏهن گهر جي خرچ جا پئسا ايندا هيس ته انهن پيسن کي ڏسي خوش به ٿيندي هئي ۽ پريشان به ۽ چوندي هئي ته ”نه هجڻ کان هجڻ بهتر آهي“، پوءِ ٿورا پئسا دڪاندار کي ڏئي گهر جو ڪجهه سيڌو سامان وٺي ٻچن کي پئي ڪارايو، سندس گهر جو گذرسفر ڏکيو گذري رهيو هو. ڪيس ٻارن جي ذميواري ته پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيندي هئي.



هڪ ڏينهن ڳوٺ جي هڪ عورت هن کي پريشان ڏسي پڇيس ته، ادي تون پريشان ڇو آهين؟ هن ڪيس چيو ته پيٽ هڪ ته غربت ٻيو مٿان مهانگائي! ان تي ان پاڙيسري عورت ڪيس سمجهائيندي چيو ته ڳوٺ ۾ سرسو پاران جوڙيل تنظيم ۾ ميمبر ٿي ته تنهنجا ڪافي مسئلا حل ٿي ويندا. پهريان ته ڪيس ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي پر ۽ هڪ ڏينهن سرسو جي سوشل موبلائيزيشن ٽيم جي گڏجاڻيءَ هوءَ به اچي ويني ۽ ٽيم سان پنهنجو احوال ڪيائين پوءِ ڪيس پڪ ٿي ۽ سوچيو ته واقعي منهنجي ڪجهه ته مدد ٿي سگهي ٿي، پوءِ اميران تنظيم ”هوت خان ڀهراٽي“ ۾ ميمبر طور شامل ٿي ۽ گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ٿوري ٿوري بچت به ڪرڻ لڳي، هن جي محنت، سچائي کي ڏسي ڳوناٺين عورتن ڪيس تنظيم جو مئنيجر چونڊيو ۽ سرسو ٽيم جي ڀرپور سهڪار ۽ رهنمائي سان ٿوري ئي عرصي ۾ هن پنهنجي تنظيم جي بچت 17,680 تائين پهچائي. جيئن ته غربت جي درجا بنديءَ ۾ سندس گهراڻو غربت جي لڪير ۾شامل هيو.

هن تنظيم جي گڏجاڻي ۾ قرض لاءِ قرارداد لکي اداري کي ڏني جيڪا ضروري جانچ پڙتال ڪانپوءِ منظور ڪئي وئي ۽ ڪيس -/15,000 هزار روپيه بغير وياج جي قرض ڏنوويو، جنهن جو هِن صحيح استعمال ڪندي هڪ سلائي مشين ورتي ۽ ڪجهه پئسن مان ضروري سامان پڻ خريد ڪيو، وقت گذرندو رهيو ۽ هن سلائيءَ جي ڪمايل پئسن

مان اداري جو قرض وقت سرِ واپس ڪيو ۽ ٻئي قرض لاءِ ٻه هڪ قراراد لکي اداري کي موڪلي. جيئن ته هوءَ هڪ محنتي ۽ ايماندار عورت هئي انهيءَ ڪري ٻيو قرض به جلد منظور ڪندي ڪيس -/15,000 هزار بغير وياج جو ٻيهر به قرض ڏنو ويو، جنهن مان هن پنهنجي گهر ۾ هڪ ننڍڙو دوڪان کوليو جنهن ۾ ريل، بٽڻ، بڪرم، ٻارن لاءِ هلڪو ڦلڪو سامان رکيو، جنهن مان ڪيس مهيني جي آمدني ٿيڻ لڳي ۽ ڪجهه عرصي ۾ هن ٻيو قرض به آساني سان جمع ڪرايو ۽ پنهنجي بچت پڻ ڪئي، هن ڳوٺ جي هڪ ساٿي عورت سان ڀائيواري پڻ ڪئي ۽ گڏجي هڪ وڇير خريد ڪئي آهي. انهيءَ اميد سان ته هڪ ڏينهن وڇير وڏي ٿي مينهن ٿيندي ۽ پنهنجي ٻچڙن لاءِ کير جوبه بندوبست ٿي پوندو.



اميران چواڻي ته آءَ روزانو هڪ ٻه وڳا سلائي ڪري وٺندي آهيان جنهن مان مون کي 300 کان 400 سئو روپين تائين آمدني ٿيندي آهہ. جنهن مان ٻارن جي صحت، کاڌي پيتي ۽ لٽن ڪپڙن ۾ استعمال ڪندي آهيان، ڪجهه مڙس جي ڪمائي ملائي ڪري الله پاڪ جو ڪرم آهي هاڻي گذارو پهريان کان بهتر ٿي رهيو آهي.

اميران بيگم ٻڌايو ته هيءَ سموري مهرباني اسان غريبن تي سرسو اداري ۽ سنڌ حڪومت جي آهي، پهريان ته اسان کي ڪائي به خبر نه هئي ته بچت ڇا ٿيندي آهي ۽ ڪيئن ڪبي آهي، اوڙي پاڙي کان قرض به وٺندي هئس. پر ڪو شعور نه هيو ته هن کي صحيح استعمال ڪيئن ڪجي، جو بچت به ٿئي ۽ گهر جو چرخو به پلو هلي، اهو شعور اسان کي سرسو جي ٽيم ڏنو، تربيتن ذريعي گڏجاڻين ذريعي پوءِ اسان به قرض کي صحيح استعمال ڪرڻ سکيو نتيجو اوهان جي سامهون آهہ. الله جو ڪرم آهي ته گهر جو گذرسفر پهريان کان هاڻ بهتر نموني سان هلي رهيو آهي. جڏهن به ڪا پريشاني يا ڪا تڪليف ٿيندي آهي ته سرسو جي ٽيم ۽ ساٿي ميمبرن سان صلاح مشورو ڪري وٺندي آهيان. سچ پڇو ته هي ادارو اسان جهڙن غريب عورتن لاءِ ڪنهن نعمت کان گهٽ نه آهي. منهنجي اڳتي لاءِ اها به پلاننگ آهي ته هڪ ڀيرو ٻيهر به قرض وٺي دوڪان کي وڌائڻو آهي ۽ ٻيو گهريلو استعمال جو سامان به رکڻو آهي جنهن مان اميد ٿي ڪجي ته جهجهو ناڻو ڪمائي خوشحال زندگي گذاريندس ۽ پنهنجن ٻارن کي بهتر تعليم سنو مستقبل ڏئي سگهنديس.

**

# ڦُــڙيءَ ڦُــڙيءَ تــلاءُ

زاهد علي شيخ
پروگرام آفيسر MER سکر

> من موهيندڙ زمين، پاڻيءَ جا ننڍا قطرا، واريءَ جا ننڍا ننڍا ذرڙا، ناهيندا آهن هڪ وڏو سمنڊ.
> جيتوڻيڪ وقت جو هڪ هڪ پل انتهائي مثالي هوندو آهه جيڪو نہ ختم ٿيندڙ دؤر کي تشڪيل ڏيندو آهي.

هڪ ننڍڙي ڪوشش سان زندگي بهتر ٿي سگهي ٿي، اها ننڍڙي ڪوشش آهي بچت. مطلب آمدني مان بچايل يا خرچ مان بچايل رقم کي بچت چئبو آهي، مثال طور: امانت کاتو (Deposit Account)، پينشن کاتو (Pension Account)، يا ڪنهن ڪاروبار ۾ خرچ ڪيل رقم کي بہ بچت چئبو آهي.

بچت خرچن کي گهٽائڻ جي نظام کي منظم طريقي سان هلائڻ ۾ مدد پڻ ڪندي آهي، بلڪل ايئن جيئن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سوشل موبلائيزيشن بابت ٽي مرحليوار ڏاڪا متعارف ڪيا آهن تہ جيئن ماڻهو هڪ جاءِ تي گڏجي سگهن.

هيءَ ڪهاڻي بہ هڪ اهڙي تنظيمي عورتن جي آهي، جيڪي پنهنجي گڏيل بچت مان فائدو حاصل ڪري رهيون آهن، هيءَ ڳوٺ مصري شيخ جي ڳوٺ جي تنظيم ”مصري شيخ“ يونين ڪائونسل لونگ پٽي تعلقہ روهڙي ضلع سکر سان واڳيل آهي. سرسو جي سماجي جاڳرتا (Social Mobilization) تحت جنوري 2012ع ۾ هي تنظيم جوڙي وئي ۽ تنظيم ۾ 20 عورت ميمبر شامل ٿيون. ۽ آهستہ آهستہ هن ۾ واڌارو ٿيندو ويو ۽ ميمبرن جو تعداد 30 تائين پهتو ۽ اڳتي هلي هيءَ هڪ ڳوناٽي تنظيم (VO) جي صورت ۾ رجسٽرڊ ڪرائي وئي.



هن تنظيمي عورتن جو مکيه مقصد اهو بہ آهي تہ ڳوٺاڻي ۽ گهراڻي سطح تي غريب عورتن ۽ مردن جي مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جو حل پاڻ ۾ گڏجي ڪيجي، انهيءَ نيڪ مقصد هن تنظيم کي ڪافي مضبوط ڪيو جيڪو سلسلو اڃان تائين جاري آهي، تنظيم جو سمورين گڏجاڻين ۽ هر مشڪلات ۾ سرسو جي ٽيم تنظيمي عورتن جي ڪافي رهنمائي ڪئي ۽ عورتن کي هنري تربيتون، تنظيمي انتظامڪاري ۽ گڏيل ترقيءَ ڏانهن راغب ڪرڻ پڻ ڪيو ۽ بچت جي اهميت بابت آگاهي پڻ ڏني ۽ تنظيم جو بئنڪ ۾ گڏيل کاتو کولرائڻ ۾ رهنمائي ۽ مدد ڪئي.

ڳوٺاڻي تنظيم "مصري شيخ" بچت جي اهميت کي سمجهندي بچت ڪرڻ شروع ڪئي، توڙي جو شروع ۾ اها رقم ايڏي وڏي نہ پئي لڳي پر تنظيمي عورتن لاڳيتو ۽ مستقل بنياد تي بچت ڪرڻ جاري رکي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي 3,00,000/- لکن جي هڪ معقول رقم تائين بچت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي، ڳوٺاڻي تنظيم سرسو ٽيم جي مدد سان 2016ع ۾ گڏيل بچت جي رقم مان پن ميمبرن کي قرض ڏنو جيڪو انهن ميمبرن 10% سيڪڙو واڌ سان واپس ڪيو. اهڙي طرح ڳوٺاڻي سطح تي هي سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ ڪاوش مان منظم عورتون تمام گهڻو خوش آهن، سندن چوڻ آهي تہ غريب عورتن جي وقت سر سهڪار ڪندي، انهن جي ڪم ايندي دلي سرهائي محسوس ٿيندي آهي، جڏهن سڀ عورتون پاڻ ۾ گڏ ويهي اهو فيصلو ڪنديون آهيون تہ تنظيم جي هڪ ميمبر سان هي مسئلو آهي انهيءَ کي قرض گهربل آهي پوءِ گڏيل صلاح سان اسان پنهنجي بچت مان ان ميمبر کي نہ رڳو پئسا (قرض) ڏيون پيا پر ان ڪم ۾ سندس ڀرپور رهنمائي پڻ ڪيون ٿا، انهيءَ گهڙيءَ اسان سرسو اداري جا ٿورا مڃينديون آهيون تہ سرسو اسان کي هي تنظيمي شعور ڏنو جو هن وقت اسان سڀ گڏجي هي ڀلائيءَ جو ڪم سرانجام ڏئي رهيون آهيون. ۽ هن وقت بہ تنظيم جي 8 ميمبرن کي گڏيل رضامندي سان 2,70,000/- جو قرض ڏنو ويو آهي جنهن جي واپسي جو سلسلو جاري آهي. تنظيمي عورتن جو چوڻ آهي تہ اسان جي وڏ ۾ وڏ اها ڪوشش آهي تہ پنهنجي تنظيم کي مضبوط ڪريون تہ جيئن اسان جي تنظيم هڪ مثالي تنظيم بڻجي وڃي.

ڳوٺاڻي منظم تنظيمي عورتن انهيءَ عزم جو اظهار پڻ ڪيو تہ اهو ڏينهن پري نہ آهي جو اسان کي پنهنجين ضرورتن کي پوري ڪرڻ خاطر ٻين جي اڳيان هٿ ٽنگيندا سين ۽ اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ پنهنجي معاشي حالت کي پڻ بهتر ڪنداسين. سچ چوندا آهن تہ ٻڌيءَ ۾ وڏي طاقت آهي.

**

# هٿ ٽنگڻ کان پنهنجي روزگار تائين : هڪ سفر

بابر علي جاگيراڻي
ريجنل مانيٽرنگ ايويليوشن آفيسر

باگڙي برادري جي ماڻهن جي زندگي ٻہ هڪ عجيب زندگي هوندي آهي، هو خانہ بدوشي واري زندگي گذاريندا آهن، سندن پيشو پنڻ منگڻ هوندو آهي. ۽ ائين ئي حياتي پئي گذرندي آهي، اڪثر باگڙي عورتن ۽ ٻارن جو پنڻ ڄڻ تہ سندن رواج ۾ شامل هوندو آهي. خانہ بدوش هميشہ پنهنجو واهيرو ڳوٺن، شهرن ۽ ٻين انساني آبادين کان ڪجھ پري ٺاهيندا آهن. ڳوٺ يا شهر جو ڪو غير آباد ميداني پاسو ڏسي پوءِ اتي پنهنجي عارضي وستي قائم ڪندا آهن.



سرسو يونين ڪائونسل رستم تعلقو لکي غلام شاھ ضلعي شڪاپور ۾ باگڙي برادري جي ماڻهن (عورتن) کي منظم ڪري تنظيمي مالھا ۾ مڙهيو آهي. هي باگڙي محلہ رستم ۾ رهائش پذير آهن. سال 2009ع ۾ حڪومت سنڌ جي تعاون سان شروع ڪيل يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام“ ۾ غربت جي درجہ بندي کان وينڊي سي او، وي او ۽ ايل ايس او جي ذارا ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ڪميونٽي آرگنائيزيشن باگڙي محلہ ۾ 22 ميمبر شامل آهن. جيئن تہ باگڙي تنظيم ۾ سيتا زوجہ پريم داس هڪ سرگرم ڪارڪن آهي. سيتا سي.او ميمبر عورتن کي نہ فقط پابندي سان گڏجاڻيون ڪرائيندي رهي ٿي گڏوگڏ بچت وسيلي هڪ ٻئي جي اوکيءَ ويل ۾ مدد پڻ ڪري ٿي.

2015ع ۾ جڏهن وزير اعظم جو بغير وياج جي قرض اسڪيم شروع ٿي تہ تنظيم جي سڀني ميمبر عورتن پاڻ ۾ گڏجاڻيون ڪيون ۽ يڪ راءِ ٿي هن اسڪيم مان وڌ کان وڌ فائدو وٺڻ جو سوچيو ۽ وي.او کي هڪ قرارداد لکي ڏني تہ اسان کي بہ هن اسڪيم مان بغير وياج جي قرض ڏنو وڃي، پوءِ وي.او اها قرارداد اداري ڏانهن اُماڻي جنهن ضروري جانچ پڙتال کان پوءِ تنظيم جي مڙني عورتن کي قرض ڏنو. جنهن ۾ مسمات سيتا جو نالو پڻ شامل هو.



سيتا کي جڏهن پهريون قرض -/20,000 مليو تہ هن پنهنجي گهر واري کي هڪ پراڻي موٽر سائيڪل ۽ هارسينگار جو سامان خريد ڪري ڏنو تہ جيئن ڳوٺن ۾ ڦيراگيري ڪري تہ گهر جو گذرسفر بهتر ٿي سگهي. اهڙي طرح هنن پاڻ ڪمائڻ شروع ڪيو ۽ گهر کي پنهنجي محنت جي ڪمائي مان هلائڻ جي ابتدا ڪئي جيڪا هنن لاءِ هڪ وڏو انقلاب هو.

چوتہ سيتا اسان کي ٻڌايو تہ ان کان پهريان اسين پني منگي گذرسفر ڪندا هئاسين. سرسو اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ وڏي تبديلي آندي آهي جيڪا ڪنهن معجزري کان گهٽ نہ آهي نہ تہ اسين مسڪين ماڻهو اسان کي هرڪوئي پينو فقير سمجهندو آهي، ڄڻ تہ اسان جي ڪائي عزت ئي نہ هجي.

وڌيڪ هن ٻڌايو تہ: مون مڙس جي ڪمائيءَ مان پهريون قرض وقت سرِ واپس ڪيو ۽ بعد ۾ مون ٻئي قرض لاءِ بہ قرارداد لکي موڪلي ۽ جلد ئي

مون کي ٻيو پيرو قرض ٻه مليو مون ان قرض جي پئسن کي صحيح استعمال ڪندي پنهنجي وڏڙن جو ڏڳ ورتو ۽ هارپي جي ٻنيءَ ۾ گدرن جي واڙي ڪئي. اسان زمين ۾ ڀرپور محنت ڪئي سين ۽ اسان کي واڙيءَ مان چڱي بچت ٿي ۽ مون ٻيو پيرو ورتل قرض ٻه واپس ڪيو. ۽ مون ٽيون پيرو ٻه پنهنجي قسمت آزمائي ۽ سرسو جي رهنمائي ۽ مدد وسيلي مون کي ٽيون پيرو ٻه قرض مليو، مان پنهنجي مڙس سان صلاح مشورو ڪري سکر مان ليڊيز جا ڪپڙا ونئي آيس ۽ اهي ڪپڙا مون گهر گهر ڪپائڻ شروع ڪيا جنهن مان مون کي 1000 کان 1300 سؤ تائين ٻه بچت ٿيڻ لڳي. جيڪي ماڻهو اسان کي پاڙي پيئارڻ کان ٻه لنوائيندا هئا اڄ جڏهن گهر ۾ وجي ڪپڙا ڪپائيندي آهيان تہ مون کي مانيءَ جي ٻه صلاح ڪئي وڃي ٿي انهيءَ وقت مان اندر ئي اندر ۾ تمام گهڻو خوش ٿيندي آهيان ۽ سرسو اداري کي دل سان دعائون ڏيندي آهيان جنهن مون کي انهيءَ عزت جي لائق بڻايو آهي.



سيتا ٻڌايو تہ هن وقت اسان پنهنجو گهر ٻه نهرايو آهي، منهنجي ڪپڙن جي ڪمائي ۽ مڙس جي ڦيريءَ مان هاڻ اسان کي سٺي آمدني ٿي رهي آهي، اسان گهٽ ذات ۽ غريب ماڻهن ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جو رواج ئي ناهي تنهن ڪري اسان ٻه پڙهي ڪونہ سگهياسين. پر مون هاڻ اهو پڪو ارادو ڪيو آهي تہ مان پنهنجي ٻن پٽن ۽ ٻن نياڻين کي تعليم ضرور ڏياريندس.

جڏهن مون سيتا کان اڳ واري زندگي ۽ هاڻ واري زندگيءَ بابت پڇيو تہ: سيتا ٻڌايو پهريان ڏاڍي ڏکي زندگي گذرندي هئي چوتہ ڏکي ۾ ڏکيو ڪم آهي ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ (پنڻ) اسان باگڙين کي تہ ماڻهو ڄڻ انسان سمجهن ئي ڪونہ، اسان کي پنهنجي ڳاوِن ۾ ڪاڻ پيئڻ ٻه نہ ڏنو ويندو هو. ماڻهن جا تلخ لهجا ۽ عورتن سان نامناسب رويو، اکين مان ڳوڙها اگهندي سيتا پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي رهي چيائين تہ اسان شڪرگذار آهيون سرسو جا جنهن اسان کي ٻه پنهنجو سمجهيو ۽ اسان جي رهنمائي ڪندي تنظيم جوڙيائون ۽ اسان کي بچت بابت ٻه آگاهي ڏنائون ۽ گڏوگڏ ڀرپور رهنمائي ۽ مدد ٻه ڪيائون ۽ اسين بيحد شڪرگذار آهيون وزير اعظم جي بغير وياج قرض اسڪيم جا جنهن اسان کي ان عذاب واري زندگي مان نجات ڏياري.

هاڻ اسان کي گهرن ۾ عزت ٻه ملي ٿي عورتون اسان کان ڪپڙا ٻه خريد ڪن ٿيون، اسان کي عزت سان گهرن ۾ ٻه ويهارن ٿيون ۽ ڪاڻ پيئڻ لاءِ ٻه چون ٿيون، اسان هن عزت ڀري زندگي مان تمام گهڻو خوش آهيون. روز جي لڏپلاڻ، پنڻ ۽ ٻين عذابن کان جان آجي ٿي آهي. عزت ڀري گذاري رهيا آهيون، اها سموري مهرباني اسان تي سرسو جي آهي جنهن اسان کي انهيءَ لائق سمجهيو ۽ اسان باگڙين جي تنظيم جوڙي عزت بخشي.

**

# وقت جي انتظامڪاري جو فن

شفيق شاڪر

دنيا جي ڪامياب ترين ماڻهن پنهنجين ڪاميابين جي تجربن مان، ڪاميابيءَ جي خواهش رکندڙ ماڻهن سان جيڪي گُر ۽ طريقا ونڊيا آهن، ان ۾ وقت جي انتظاڪاري ( Time Management) به هڪ اهم جزو آهي. انهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ ان نقطي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي ته انسان جي پنهنجي زندگيءَ ۾ ترتيب هجي. اها ترتيب پيدا ئي نٿي سگهي جيستائين مهيا ٿيل وقت جي صحيح ترتيب نه ناهبي. اسان جي معاشرن ۾ وقت کي جهڙي طرح اجايو ضايع ۽ برباد ڪيو وڃي ٿو. دنيا جي سڌريل معاشرن ۾ اهو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. فضول ڪچهريون، اجايو موبائيل فون، ٽي وي ۽ انٽرنيٽ جو استعمال، غير مفيد سرگرميون ۽ بي نتيجي بحث مباحثا سيڪنڊن ڪان وٺي سالن کي اهڙي ته بيدرديءَ سان ڀڙڪائي وڃن ٿا، جنهنجو اسان کي ڪڏهن ڪو احساس به نٿو ٿئي. گهڻي وقت ڪان دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ ماڻهن کي وقت کي صحيح ترتيب سان استعمال ڪرڻ جو باقائديءَ فن سيڪاريو وڃي ٿو، جيڪو هاڻي سائنس جو درجو اختيار ڪري چڪو آهي. اهو فن هڪ مضمون جي حيثيت سان انهن ملڪن جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهايو وڃي ٿو. جنهن کي وقت جي انتظامڪاري يا Time Management چيو وڃي ٿو. ڪامياب ماڻهو پنهنجي وقت کي بهترين رٿابنديءَ سان بهترين مقصدن جي لاءِ استعمال ڪن ٿا. اهو ياد رکڻ گهرجي ته جيڪي ماڻهو ڪنهن ڪم نه ڪرڻ جي جواب ۾ وقت نه هئڻ جي شڪايت ڪندا رهندا آهن. انهن مان اڪثر اهي هوندا آهن، جيڪي ڪم ڪرڻ چاهيندا ئي ناهن. ڪم ڪرڻ وارن وٽ وقت نه هئڻ جي شڪايت نه هوندي آهي، جو اهي وقت جي استعمال جي صحيح ترتيب ۽ رٿابنديءَ کان چڱي طرح واقف ٿين ٿا. ڪامياب ماڻهن وٽ به 24 ڪلاڪ ۽ ناڪام ماڻهن وٽ به ساڳيا 24 ڪلاڪ هوندا آهن ته پوءِ ساڳيو وقت هئڻ باوجود هڪڙا ڪامياب ٿين ٿا ته ٻيا ناڪام ڇو؟ فرق اهو آهي جو ڪامياب ماڻهو پنهنجي وقت جي دولت کي صرف اهم ۽ ضروري ڪمن ۾ خرچ ڪن ٿا. جڏهن ته ناڪام ماڻهو ساڳيو وقت فضول ۽ اجاين ڪمن ۾ ضايع ڪري ڇڏين ٿا. هاڻي وقت جو صحيح استعمال تيستائين ٿي نٿو سگهي جيستائين وقت جي قيمتي هئڻ جو احساس نه هجي. سؤ روپين جو نوٽ گم ٿي وڃي ته آرام ڦٽي وڃي ٿو. پر سوين ڪلاڪ ۽ مهينا ضايع ٿيڻ تي ٿڪي جو افسوس نٿو ٿئي. زندگيءَ جي نعمت ته هن دنيا ۾ صرف هڪ دفعو ملي ٿي ته پوءِ انهيءَ کي فضول ضايع ڪرڻ تي افسوس ڇو نٿو ٿئي؟ جڏهن ته ٻيو هر نقصان واپس پورو ڪري سگهجي ٿو سواءِ وقت جي نقصان جي! وقت جو مثال ان برف وانگر آهي جنهن کي جيڪر استعمال نه ڪجي ته پگهرجي ختم ٿي وڃي ٿي. وقت کي صحيح نموني استعمال ڪرڻ ۽ انهيءَ مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڌاهن طرفان ڏسيل ڪجھ نڪتا هيٺ لکجن ٿا.

**پهريون نقطو:** ڪوبه ڪم ڪرڻ کان پهرين پنهنجو پاڻ کان سوال ڪجي ته ڇا اهو ڪم واقعي اهم آهي يا ان کان وڌيڪ اهم ٻيو ڪو ڪم آهي، جيڪو ان جي بدران ڪري سگهجي ٿو؟ يعني صرف اهو ڪم ئي ڪجي جيڪو اهم ۽ ضروري هجي ۽ جنهن جو تعلق پنهنجي مقرر ڪيل ڪنهن اهم مقصد سان هجي. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي فضول ڪمن کان ماڻهو خود بخود بچي ويندو جنهن جي نتيجي ۾ وقت به بچي پوندو.

**ٻيو نقطو:** وقت کي استعمال ڪرڻ کان پهرين ان جي رٿابندي ڪجي ته ڪيترو وقت اسان وٽ موجود آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا ڪم ان وقت اندر مڪمل ڪري سگهجن ٿا؟ تحقيق مطابق اهڙي پلاننگ جو هڪ منٽ ڪم جا ڏھ منٽ بچائي ٿو. ڏينهن شروع ٿيڻ وقت ئي پنهنجي ڪمن ۽ وقت جي ترتيب ناهجي بلڪ هڪ لکيل ڊائريءَ جي صورت ۾ اها روزاني ترتيب درج ٿيل هجي. اهڙيءَ طرح هفتي جي اڳواٽ پلاننگ به ڪري سگهجي ٿي.

**ٽيون نڪتو :** هڪڙي وقت ۾ صرف هڪ ڪم ڪرڻ گهرجي. هڪ ئي وقت تي پنهنجي لاء ڪيترائي ڪم ڪولي ڇڏڻ مونجهارنۍ ذهني دٻاۓ ڪي دعوت ڏيڻ برابر آهي. ۽ اهو ٻہ تہ هڪ ئي وقت صرف هڪ ڪم تي مڪمل ڌيان ڪپائي سگهجي ٿو. گهٽن ڪمن جي نتيجي ۾ ڌيان ورهائجي وجي ٿو جنهن ڪري ڪوبہ ڪم بهتر نموني نہ ٿي سگهندو. اهو ٻہ تہ جنهن ڪم جو جيڪو وقت مناسب آهي انهيء وقت تي اهو ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ وڌيڪ اهم ڪم ڪي گهٽ اهم ڪم جي پويان ڌڪڻ نہ گهرجي.


**چوٿون نڪتو :** ڪو ٻہ ڪم شروع ڪرڻ ڪان پهرين ان ڪم جو آخري وقت يعني ڊيڊ لائين مقرر ڪرڻ گهرجي تہ اهو ڪم لازمي ڪيتري عرصي اندر پورو ڪرڻو آهي.

**پنجون نڪتو :** اسان جو مجموعي طور تي تمام گهڻو وقت انتظار واري صورتحال ۾ ضايع ٿي وجي ٿو. مثال طور ڪنهن سان ميٽنگ جو انتظار، ڪنهن دعوت ۾ مانيۓ جو انتظار يا وري سفر ۾ پنهنجي منزل تي پهچڻ جو انتظار وغيره جيڪڏهن حساب ڪبو تہ اهو روز روز جو انتظار ٻہ اسان جي زندگي جو هڪ وڏو حصو وڏي بي رحميۓ سان ڳڙڪائي ٿو وجي. انهيۓ انتظار واري وقت ڪي ڪيئن ڪنهن فائدي مند ڪم يا سرگرميء ۾ استعمال ڪجي. اهو ٻہ ٽائيم مينيجمينٽ جو ڏانۇ آهي. مثال ان وقت ڪي لکڻ ۽ پڙهڻ جي مشغولي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. غريب ۽ لاچار ماڻهن جي خدمت ۽ انهن سارسنڀال، رهنمائي ۽ همت افزائيۓ لاءِ ٻہ وقت ڪڍي سگهجي ٿو.

**ڇهون نڪتو :** هونئن تہ هڪ وقت تي صرف هڪڙو ڪم ڪرڻ گهرجي پر ڪجھ ڪم اهڙا ٻہ آهن جيڪي هڪ وقت تي ٻئي گڏي ڪرڻ سان وقت بچائي سگهجي ٿو ۽ ڪمن جو صحت تي ٻہ ڪو خراب اثر نٿو پوي. مثال؛ ورزش وقت ڪنهن دوست سان ملاقات جي لاء ٻہ وڃي سگهجي ٿو. پنهنجي ٻني ٻاري جي سنڀال ٻہ لهي سگهجي ٿي. قدرت جي نظارن مان لطف اندوز ٻہ ٿي سگهجي ٿو يا وري واڪ جي دوران ضروري فون ڪالز ٻہ موڪلي سگهجن ٿيون. اهڙيۓ طرح ورزش يا واڪ دوران موسيقي ٻہ ٻڌي سگهجي ٿي. انهيء سان ٻہ ڪافي وقت بچت ٿيندو.

**ستون نڪتو :** ان ڪان پوء آخري نڪتو اهو تہ هر ڪم ۽ عمل ۾ وقت جي پابندي هجي. جنهن ڪم لاء جيڪو وقت مقرر ڪيل آهي انهيء تي ئي اهو ڪم هر حالت ۾ شروع ٿيڻ گهرجي. پنهنجي ڊيوٽي يا ڪاروبار تي وقت تي پهچڻ، ڪنهن گڏجاڻي يا پروگرام وغيره ۾ وقت جي پابندي ڪرڻ، ڪنهن سان ملاقات جي لاء مقرر ڪيل وقت جي پابندي ڪرڻ، انهن سيني شين سان نہ رڳو پنهنجو ۽ ٻئي جو وقت بچائي سگهجي ٿو پر ڪيترن ئي مسئلن ۽ مونجهارن ڪان ٻہ بچي سگهجي ٿو.

**




# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر

فون 071-56271820 فیکس 071-5627182-111

ویب سائیٹ www.srso.org.pk